جمهوري سوچ جي ترجمان
ABC
CARTL
Daily
AWAMI SOACH
Karachi
روزاني
عوامي سوچ
ڪراچي
چيف ايڊيٽر: حاجي محمد حنيف ميمڻ
ايڊيٽر: سيد گل شاهه
جلد 17 | سومر 09 نومبر 2026ع بمطابق 28 جمادي الاول 1448هه | قيمت: 20 | شمارو 29

سنڌو درياهه جي ڪپ تي آباد سکر شهر کي اڃايل نٿو ڇڏي سگهجي: مراد علي شاهه

صاف ۽ محفوظ پيئڻ جو پاڻي فراهم ڪرڻ حڪومت جي بنيادي ذميواري آهي ۽ سکر جي عوام کي پاڻي جي فراهمي بابت ڏکي عرصي کان درپيش مسئلن جي حل لاءِ ڪا به ڪسر نه ڇڏي ويندي

مڪاني ادارن واري سيڪريٽري وسيم شمشاد، سيڪريٽري ٽرانسپورٽ ۽ ڊائريڪٽر جنرل پي پي يونٽ اسد ضامن ۽ سکر واٽر اينڊ سيوريج ڪارپوريشن جو چيف ايگزيڪيوٽو آفيسر جتن ڪمار شرڪت ڪئي

1998ع کان 2023ع تائين سکر جي آبادي ۾ لڳ ڀڳ 68 سيڪڙو واڌ ٿي آهي، جنهن کي نظر ۾ رکندي شهر جي هاڻوڪي ۽ مستقبل جي گهرجن کي پورو ڪرڻ لاءِ جديد واٽر سپلاءِ نظام جوڙڻ انتهائي ضروري آهي

آبادي ۾ واڌ، شهري پکيڙ ۽ پاڻي جي وڌندڙ گهرج کي نظر ۾ رکندي منصوبي جي رٿابندي ڪئي وڃي، ته جيئن هر گهر تائين صاف ۽ محفوظ پيئڻ جو پاڻي پهچي سگهي

سيد مراد علي شاهه سکر جي شهرين کي صاف، محفوظ ۽ بنا ڪنهن رنڊڪ جي پيئڻ جو پاڻي فراهم ڪرڻ واري عزم جو ورجاءُ

صاف ۽ محفوظ پيئڻ جو پاڻي فراهم ڪرڻ حڪومت جي بنيادي ذميواري آهي ۽ سکر جي عوام کي پاڻي جي فراهمي بابت ڏکي عرصي کان درپيش مسئلن جي حل لاءِ ڪا به ڪسر نه ڇڏي ويندي

ڪراچي(رپورٽر)سنڌ جي وڏي وزير سيد مراد علي شاهه سکر جي شهرين کي صاف، محفوظ ۽ بنا ڪنهن رنڊڪ جي پيئڻ جو پاڻي فراهم ڪرڻ واري عزم جو ورجاءُ ڪندي چيو آهي ته سنڌو درياهه جي ڪپ تي آباد شهر سکر کي اڃايل نٿو ڇڏي سگهجي. وزيراعليٰ هائوس ۾ سکر واٽر سپلاءِ رٿا ۽ ان جي تجويز ڪيل پبلڪ پرائيويٽ پارٽنرشپ (پي پي پي) ماڊل جو جائزو وٺڻ لاءِ رٿيل اعليٰ سطح/ڏسو صفحو 2 بقايا نمبر20

شهباز شريف جي نوازسان ملاقات، عوام کي رليف ڏيڻ جي هدايت

وزيراعظم شهباز شريف جي جاتي عمره ۾ پارٽي سربراهه ميان نوازشريف سان ملاقات ٿئي آهي، وزيراعظم شهباز شريف جي جاتي امرا ۾ پارٽي صدر نوازشريف سان ملاقات ٿي

ملاقات ۾ وزيراعظم شهباز شريف پاران نوازشريف کي ملڪ جي ڳڏيل سياسي ۽ معاشي صورتحال کان آگاهه ڪيو ويو، پيٽروليم شين جي قيمتن ۾ گهٽتائي جو فائدو عوام تائين پهچايو وڃي: نواز شريف

مهانگائي تي ڪنٽرول ڪرڻ ئي عوام کي رليف ڏيڻ جو اصل طريقو آهي اهڙيون پاليسيون ناهيون وڃن جنهن سان روزاني واربن استعمال جي شين جون قيمتون گهٽ رهن

مسلم ليگ(ن) جي هميشه اها خاصيت رهي آهي ته انهي هميشه اهڙيون پاليسيون ناهيون آهن جنهن جو سڌو سنئون فائدو عوام کي پهچي

ٻنهي اڳواڻن جي ملاقات ڏيڍ ڪلاڪ تائين جاري رهي، شهباز شريف نواز شريف کي ملڪ جي ڳڏيل سياسي ۽ معاشي صورتحال کان آگاهه ڪيو. ملاقات کان پوءِ شهباز شريف جاتي امراءِ مان واپس روانو ٿي ويو

مسلم ليگ(ن) جي هميشه اها خاصيت رهي آهي ته انهي هميشه اهڙيون پاليسيون ناهيون آهن ٻنهي اڳواڻن جي ملاقات ڏيڍ ڪلاڪ تائين جاري رهي، شهباز شريف نواز شريف کي ملڪ جي ڳڏيل سياسي ۽ معاشي صورتحال کان آگاهه ڪيو

لاهور (م ڊ) وزيراعظم شهباز شريف جي جاتي عمره ۾ پارٽي سربراهه ميان نوازشريف سان ملاقات ٿئي آهي. وزيراعظم شهباز شريف جي جاتي امرا ۾ پارٽي صدر نوازشريف سان ملاقات ٿي، ملاقات ۾ وزيراعظم شهباز شريف پاران نوازشريف کي ملڪ جي ڳڏيل سياسي ۽ معاشي صورتحال کان آگاهه ڪيو ويو. انهي موقعي تي نوازشريف هدايت ڪئي ته پيٽروليم شين جي قيمتن ۾ گهٽتائي جو فائدو ع/ڏسو صفحو 2 بقايا نمبر1

لاهور: وزيراعظم شهباز شريف سان ن ليگ صدر نواز شريف ملاقات ڪندي

هندو برادري پاڪستان جو اٽوٽ حصو آهي ۽ قومي تعمير ۽ ترقي ۾ ان جون خدمتون انمول آهن: بلاول ڀٽو

اسان جون خوشيون ۽ غم سانجها آهن ۽ پاڪستان ۾ آباد سمورين برادريون قومي زندگي جو اهم حصو آهن

قائد عوام شهيد ذوالفقار علي ڀٽو جي متفقه آئين تحت سمورا غير مسلم شهري مساوي حقن ۽ موقعن جا حقدار آهن

بلاول ڀٽو زرداري پاران دنيا ڀر ۾ ڏياري ملهائيندڙ هندو برادري کي دل جي گهراين سان مبارڪباد

ڪراچي(رپورٽر)پاڪستان پيپلز پارٽي جي چيئرمين بلاول ڀٽو زرداري پاڪستان سميت دنيا /ڏسو صفحو 2 بقايا نمبر2

پاڪستان ۾ انتظامي يونٽ ناهڻ گهرجن: خواجا آصف

پاڪستان جي آبادي ۾ اضافو ٿي چڪو آهي، نوان انتظامي يونٽ ناهڻ گهرجن، دنيا جي ڪيترن ئي ملڪن ۾ انتظامي يونٽ ناهيا ويندا آهن

پاڪستان ۾ به ان حوالي سان غور ٿيڻ گهرجي، ماضي ۾ سمورن صوبن کي ضم ڪري ون يونٽ ناهيو ويو هو البته بعد ۾ هي فيصلو واپس ورتو ويو

اسلام آباد (بيورو) وزير دفاع خواجه آصف چيو آهي ته پاڪستان جي آبادي ۾ اضافو ٿي چڪو آهي، نو/ڏس 3 صفحو 3 بقايا نمبر3

اسلام آباد: وفاقي وزيرخواجه آصف پريس ڪانفرنس ڪندي

ايران کي جلد ئي روس کان جديد ايئر ڊيفينس سسٽم ايس 400 ملڻ وارو آهي، برطانوي اخبار دي ٽيلي گراف جي دعويٰ

محسن رضائي جي تازي دوري دوران روس ۽ ايران وچ ۾ دفاعي سهڪار سميت گيس جي نئين پائپ لائن وڇائڻ جي منصوبي تي به ڳالهه ٻولهه

روس ڪيترن ئي سالن کان ايران کي ايس 400 دفاعي نظام وڪڻڻ جو اشارو ڏيندو رهيو آهي

البته اسرائيل ۽ خطي جي ٻين ملڪن سان لاڳاپا خراب ٿيڻ جي خدشي سبب هينئر تائين هن معاهدي تي اڳيرائي نه ٿي سگهي هئي

لنڊن(م ڊ) برطانوي اخبار دي ٽيلي گراف دعويٰ ڪئي آهي ته ايران کي جلد ئي روس کان جديد ايئر ڊيفينس سسٽم ايس 400 ملڻ وارو آهي. ٻنهي ملڪن وچ ۾ هن دفاعي نظام جي خريداري جو معاهدو طئي ٿي چڪو آهي اخبار موجب /ڏسو صفحو 2 بقايا نمبر5

جيڪو شهر ملڪ کي پالي پيو، ان کي زنده رهڻ ڏيو: خالد مقبول صديقي

اسان جو تعلق جاگيردارانه نظام سان نه آهي، اسان موروثي سياست پيداوار نه آهيون نه ئي اسان جو ڪم ڪاروبار ڪرڻ آهي

اسان سياست کي واپار نه پر خدمت سمجهي ڪندا آهيون، پاڪستان ۾ حڪمران هڪ مخصوص طبقي جو نالو آهي

اسان جو انهي طبقي سان ڪو به تعلق نه آهي، اسان جو مقابلو اهڙي سوچ سان آهي جيڪو تعليم جو مخالف آهي

ڪراچي (رپورٽر) وفاقي وزيرخالد مقبول صديقي چيو آهي ته جيڪو شهر ملڪ کي پالي رهيو آهي انهي کي زنده رهڻ ڏنو وڃي. پاڪستان جي دل ڪراچي تي به ڪا نوازش ڪئي وڃي، پنهنجي هڪ بيان ۾ خالد مقبول صديقي چيو ته اسان جو تعلق جاگيردارانه نظام سان نه آهي، اسان موروثي سياست پيداوار نه آهيون نه ئي اسان جو ڪم ڪاروبار ڪرڻ آهي پر اسان جو ڪم سياست ڪرڻ /ڏسو صفحو 2 بقايا نمبر6

ڏياري روشني، اميد ۽ خوشين جو ڏڻ آهي جيڪو برائي تي چڱائي ۽ اونداهي تي روشني جي سوڀ جي علامت آهي: ڪراچي واٽر بورڊ

ڏياري روشني، اميد ۽ خوشين جو ڏڻ آهي جيڪو برائي تي چڱائي ۽ اونداهي تي روشني جي سوڀ جي علامت آهي

ڳڏيل احترام، رواداري ۽ ڀائيچارو قومي يڪجهتي ۽ سماجي هم آهنگي جي واڌاري لاءِ انتهائي ضروري آهن

واٽر ڪارپوريشن پنهنجي اقليتي آفيسرن ۽ ملازمن جي محنت، لگن ۽ پيشوراڻي خدمتن کي قدر جي نگاهه سان ڏسي ٿو

اداري ۾ سمورن ملازمن لاءِ ڳڏيل احترام، سهڪار ۽ هڪجهڙن موقعن تي ٻڌل سازگار ماحول کي اهميت حاصل آهي

ڪراچي(رپورٽر) ڪراچي واٽر اينڊ سيوريج ڪارپوريشن جي چيف ايگزيڪيوٽو آفيسر احمد علي صديقي ۽ چيف آپريٽنگ آفيسر انجنيئر اسدالله خان پاڪستان سميت سڄي دنيا ۾ رهندڙ هندو برادري خاص طور اداري ۾ خدمتون سرانجا/ڏسو صفحو 2 بقايا نمبر7

اڄ خليج عمان ۾ هڪ واپاري جهاز کي ڪارروائي ڪري ناڪاره بڻائي ڇڏيو آهي آمريڪي فوج

واشنگٽن (م ڊ) آمريڪي فوج چيو آهي ته هن اڄ خليج عمان ۾ هڪ واپاري جهاز کي ڪارروائي/ڏسو صفحو 2 بقايا نمبر8

سردار اياز صادق پاران هندو برادري سان تعلق رکندڙ پارليامينٽ جي ميمبرن ۽ هندو برادري کي ڏياري جون مبارڪون

اسلام آباد (بيورو) قومي اسيمبلي جي اسپيڪر سردار اياز صادق ۽ ڊپٽي اسپيڪر سيد/ڏسو صفحو 2 بقايا نمبر9

ڪراچي جي علائقي اسٽيل ٽائون ۾ اٽڃاتل هٿياربند جوابدارن جي فائرنگ سان پوليس انسپيڪٽر جاويد ابڙو شهيد

ڪراچي(رپورٽر)ڪراچي جي علائقي اسٽيل ٽائون ۾ اٽڃاتل هٿياربند جوابدارن جي فائرنگ/ڏسو صفحو 2 بقايا نمبر10

ڪراچي: امير جماعت اسلامي پاڪستان حافظ نعيم الرحمان روڊ جو افتتاح ڪندي

ميررضا ڪيس، جي آءِ ٽي اجلاس، والد جو بيان قلمبند

چنچر ڏينهن رڳو ميررضا جي والد جو بيان قلمبند ڪيو ويو

هنن پنهنجا خدشا جي آءِ ٽي آڏو رکيا آهن، فيروز آباد ٿاڻي جي ايس ايڇ او جي ڪردار جي تفصيلي جاچ ڪئي وڃي

ڪراچي(رپورٽر) ميررضا قتل ڪيس جي جاچ لاءِ جوڙيل ڳڏيل جاچ ٽيم (جي آءِ ٽي) جو ٻهريون اجلاس ڳڏريل ڏينهن 5 ڪلاڪن تائين جاري ره/ڏسو صفحو 2 بقايا نمبر11

علامه اقبال جو فلسفو قومي ترقي ۽ نوجوان نسل لاءِ مشعلِ راهه آهي: واٽر ڪارپوريشن

سندس فڪر ۽ نظريا اڄ به قومي ترقي، خود اعتمادي ۽ نوجوان نسل جي رهنمائي جو اهم ذريعو آهن

علامه محمد اقبال جو فلسفو انسان کي پنهنجي صلاحيتن کي سڃاڻڻ، محنت ڪرڻ ۽ اعليٰ مقصدن جي حاصلات لاءِ جدوجهد ڪرڻ جو درس ڏئي ٿو

سندس تعليمات تي عمل ڪندي معاشري ۾ اتحاد، ذميواري جو احساس ۽ مثبت تبديلي آڻي سگهجي ٿي

ڪراچي(رپورٽر) ڪراچي واٽر اينڊ سيوريج ڪارپوريشن جي چيف ايگزيڪيوٽو آفيسر احمد علي صديقي ۽ چيف آپريٽنگ آفيسر انجنيئر اسدالله خان شاعر مشرق علامه محمد اقبال کي ڀيٽا پيش ڪندي چيو آهي ته سندس فڪر ۽ نظريا /ڏسو صفحو 2 بقايا نمبر12

مولانا فضل الرحمان جي پاڪ فوج بابت سخت بيانن سان متفق ناهن: فرخ خان ڪوڪر

ان اختلاف جي بنياد تي جمعيت علماءِ اسلام (ف) کان علحدگي اختيار ڪرڻ جو اعلان ڪري رهيا آهن

لاهور(م ڊ) مولانا فضل الرحمان جي پاڪ فوج بابت بيانن سان اختلاف ڪندي فرخ خان ڪوڪر جمعيت علماءِ اسلام (ف) کان علحدگي جو اعلان /ڏسو صفحو 2 بقايا نمبر19

صوبائي وزير سيد رياض حسين شاهه شيرازي شورا موري ۾ شاهه سچل سامي مڇي مارڪيٽ جو افتتاح ڪري ڇڏيو

مهاڻن جي معاشي ترقي، مڇيءَ جي بهتر واپار ۽ مقامي ڪاروبار جي واڌاري لاءِ اهم اڳيرائي

سيد سڪندر عباس شاهه، سيد طارق شاهه، سيد امجد شاهه، مالڪ خشڪ، ذوالفقار سولنگي ۽ اياز ڀٽو سميت ٻين معزز شخصيتن شرڪت ڪئي

مقامي مهاڻن جي محنت ملڪي معيشت ۽ غذائي ضرورتن کي پورو ڪرڻ ۾ نمايان ڪردار ادا ڪري ٿي : رياض حسين شاهه شيرازي

ٺٽو(رپورٽ واحدشورو)صوبائي وزير سيد رياض حسين شاهه شيرازي شورا موري ۾ شاهه سچل سامي مڇي مارڪيٽ جو افتتاح ڪري ڇڏيو، مهاڻن جي معاشي ترقي، مڇيءَ جي بهتر واپار ۽ مقامي ڪاروبار جي واڌاري لاءِ اهم اڳيرائي ـ صوبائي وزير زڪوات، عشر، اوقاف ۽ مذهبي معاملات سيد رياض حسين شاهه شيرازي شورا موري /ڏسو صفحو 2 بقايا نمبر18

جام صادق پل ڪار ٽنيي سان ٽڪرائجي هيٺ روڊ تي ڪري پئي

جنهن سبب ٽنيو به ڪري پيو، حادثي ۾ ڪو به جاني نقصان نه ٿيو. هڪ شهري دعويٰ

ڪار سوار ڪيترين ئي گاڏين کي ٽڪر هڻي فرار ٿي رهيو هو واقعي بابت پوليس جي جاچ جاري آهي

ڪراچي(رپورٽر) ڪراچي ۾ جام صادق پل تي تيز رفتار ڪار ٽنيي سان ٽڪرائجڻ کانپوءِ هيٺ روڊ تي وڃي ڪري پئي، جنهن سبب ٽنيو به ڪري /ڏسو صفحو 2 بقايا نمبر17

ڪراچي مان گم ٿيل نينگري اٽڪ مان بازياب، جوابدار گرفتار

پوليس اٽڪ ۾ ڪارروائي ڪندي ڪراچي جي علائقي پاڪ ڪالوني مان گم ٿيل نينگري ڪومل کي بازياب ڪرايو

نينگري 16 سيپٽمبر 2026ع تي گهران سامان وٺڻ لاءِ نڪتي هئي، جنهن ڪانپوءِ گم ٿي وئي هئي

ڪراچي (رپورٽر) ڪراچي مان گم ٿيل 14 ورهين جي نينگري کي پنجاب جي ضلعي اٽڪ مان بحفاظت بازياب ڪرايو ويو آهي. ايس ايس پي انو/ڏسو صفحو 2 بقايا نمبر16

شهدادڪوٽ ۾ هٿياربندن جي فائرنگ، پوليس اهلڪار شهيد

شهيد پوليس اهلڪار عبدالجبار جمالي لکپٽ روڊ تي ڊيوٽي سرانجام ڏئي رهيو هو

فائرنگ واري واقعي جو ڪارڻ معلوم نه ٿي سگهيو آهي، جاچ بعد ئي حقيقتون سامهون اچي سگهنديون

شهدادڪوٽ (رپورٽر) شهدادڪوٽ ۾ اڻڄاتل موٽر سائيڪل سوار هٿياربندن جي فائرنگ جي نتيجي ۾ ڊيوٽي تي موجود پوليس اهلڪار شهي/ڏسو صفحو 2 بقايا نمبر15

نيتن ياهو ياهر، اسرائيلي صدر جي آئزن ڪوٽ کي حڪومت ناهڻ جي دعوت

غزه ۾ نسل ڪشي ۽ ايران جنگ ڇيڙيندڙ نيتن ياهو حڪومت ناهڻ جي ڊوڙ مان ٻاهر ٿي ويا

جيڪڏهن حڪومت ناهڻ جون ڪوششون ناڪام ٿيون ته ڪنيسٽ کي ٽوڙيو ويندو

تل ابيب(م ڊ)اسرائيل جي صدر هرزوگ نيتن ياهو جي حريف آئزن ڪوٽ کي حڪومت ناهڻ جي دعوت ڏئي ڇڏي غزه ۾ نسل ڪشي ۽ ايران جنگ/ڏسو صفحو 2 بقايا نمبر14

ٿرپارڪر ۾ سوڪهڙي جي سنگين صورتحال، جانورن لاءِ گاهه جي سخت ڪوٽ پيدا ٿي وئي

ٿر جي مختلف علائقن ۾ پيئڻ جي پاڻي جي به شديد ڪوٽ آهي

گاهه دستياب نه هجڻ سبب جانورنپالڻ وارن جون مشڪلاتون وڌي ويون آهن

ٿرپارڪر (رپورٽر) ٿرپارڪر ۾ سوڪهڙي جي سنگينصورتحال . جانورن لاءِ گاهه جي سخت ڪوٽ پيدا ٿي وئي سوڪهڙي سبب خاندانن جانورن/ڏسو صفحو 2 بقايا نمبر13

لاهور: شهري انارڪلي جي ويجهو لڳل ڪتابن جي اسٽالز جو ڏيک

ڪراچي: وزيراعلي سنڌ مراد علي شاهه اجلاس جي صدارت ڪندي

ڪوئيٽا پوليس ٽريننگ سينٽر ۾ 5 اهلڪارن جي طبيعت خراب

ڪوئيٽا (م ڊ) ڪوئيٽا جي پوليس ٽريننگ ڪاليج ۾ تربيت وٺندڙ 5 پوليس اهلڪارن کي هاءِ بل/ڏسو صفحو 2 بقايا نمبر21

يوسف رضا گيلاني پاران پارليامينٽ جي هندو ميمبرن ۽ هندو برادري کي ڏياريءَ جون مبارڪون

اسلام آباد (بيورو) سينيٽ چيئرمين سيد يوسف رضا گيلاني ڏياري جي پرمسرت موقعي تي/ڏسو صفحو 2 بقايا نمبر22

آذربائيجاني قوم جي همت، عزم ۽ قربانين جي هڪ اهڙي تاريخي علامت آهي: شهباز شريف

آذربائيجان جي يوم فتح جي ڇهين سالگره جي موقعي تي صدر الهام عليوف ۽ آذربائيجان جي بهادر ۽ برادر عوام کي دل جي گهراين سان مبارڪباد

8 نومبر جو ڏينهن آذربائيجاني قوم جي همت، عزم ۽ قربانين جي هڪ اهڙي تاريخي علامت آهي

اسلام آباد (بيورو) وزيراعظم محمد شهباز شري/ڏسو صفحو 2 بقايا نمبر23

گورنر راج سميت ٻيون درخواستون ڪاز لسٽ مان خارج

اڳوڻي وڏي وزير جي گرفتاري ۽ ساڳئي نوعيت جون ٻيون درخواستون خارج ڪري ڇڏيون آهن

12 آڪٽوبر 2026ع يا ان کانپوءِ داخل ڪيل درخواستون ٻڌڻيءَ لاءِ مقرر نه ٿينديون

پشاور(م ڊ) خيبرپختونخوا ۾ گورنر راج ۽ ايمرجنسي خلاف داخل درخواستن بابت وفاقي آئيني عدالت جي فيصلي تي پشاور هاءِ ڪورٽ عم/ڏسو صفحو 2 بقايا نمبر25

وزيراعظم پاران هندو برادري کي ڏياري جون واڌايون

اسلام آباد(بيورو) ملڪ ۾ هندو برادري اڄ ڏياريءَ جو ڏڻ روايتي جوش ۽ جذبي سان ملها/ڏسو صفحو 2 بقايا نمبر24

وزيراعظم واضح ڪري ڇڏيو آهي ته لگزري گاڏين تي ڪو به ٽيڪس رليف نه ڏنو ويندو: سينيٽر مصدق ملڪ

جيڪو ماڻهو 8 کان 10 ڪروڙ رپين ماليت جي گاڏي خريد ڪرڻ جي سگهه رکي ٿو، اهو حڪومت کي ٽيڪس به ادا ڪري سگهي ٿو

گاڏين تي ٽيڪسن ۾ گهٽتائي ۽ مارڪيٽ ۾ مقابلي ۾ واڌ سان قيمتون گهٽجي وينديون، جنهن سان وچولي طبقي کي فائدو پهچندو

لاهور(م ڊ)وفاقي وزير موسمياتي تبديلي سينيٽر مصدق/ڏسو صفحو 2 بقايا نمبر26

ڪراچي: ايم ڪيو ايم پاڪستان جو چيئرمين ڊاڪٽر خالق مقبول صديقي اجلاس جي صدارت ڪندي

پاڪستان جي هندو برادري جي قومي ترقي ۾ خدمتون اسان جي ڳڏيل قومي سڃاڻپ جو قابل فخر حصو آهن: فريال ٽالپر

انهن جي خوشين ۾ شريڪ ٿيڻ ۽ انهن جي حقن ۽ وقار جو تحفظ اسان جي ڳڏيل انسانيت ۽ قومي ذميواري آهي

شهيد ذوالفقار علي ڀٽو 1973 جي متفقه آئين ذريعي سمورن شهرين جي مساوي حقن ۽ مذهبي آزادي کي آئيني تحفظ فراهم ڪيو

فريال ٽالپور پاران پاڪستان سميت دنيا ڀر ۾ آباد هندو برادري کي ڏياري جي مبارڪباد

ڪراچي(رپورٽر) پاڪستان پيپلز پارٽيءَ عورتن واري جي مرڪزي صدر فريال ٽالپور پاڪستان سميت دنيا ڀر ۾ آباد هندو برادري کي ڏياري جي مبارڪباد ڏيندي انهن لاءِ نيڪ تمنائن جو اظهار ڪيو آهي پنهنجي پيغام ۾ فريال ٽالپور چيو ته پاڪستا/ڏسو صفحو 2 بقايا نمبر28

سکر شهر ۽ نيو سکر جي ڳڏيل شهري آبادي ۾ واڌ ٿي رهي آهي ۽ ايندڙ سالن ۾ ان ۾ وڌيڪ اضافي جو امڪان آهي: ناصر شاهه

رهائشي علائقن جي وڌندڙ پکيڙ ۽ پاڻي جي وڌندڙ گهرج کي نظر ۾ رکندي هڪ قابلِ اعتماد واٽر سپلاءِ نيٽ ورڪ قائم ڪرڻ ضروري آهي

جنهن لاءِ پاڻي صاف ڪرڻ جي مناسب گنجائش ۽ اثرائتو ورڇ وارو نظام پڻ هجڻ گهرجي

مڪاني ادارن وارو ڪاتو، سکر جو ميئر ۽ سکر واٽر اينڊ سيوريج ڪارپوريشن منصوبي تي اثرائتي عملدرآمد لاءِ ويجهي رابطي ۽ مڪمل هم آهنگي سان ڪم ڪندا

ڪراچي(رپورٽر) صوبائي وزير ناصر حسين شاهه پاران ڳڏيل سهڪار سان عملدرآمد جي خاطري مڪاني ادارن واري صوبائي وزير سيد ناصر حسين شاهه چيو ته سنڌ حڪومت وڏي وزير سيد مراد علي شاهه جي قيادت ۾ پائيدار انفراسٽر/ڏسو صفحو 2 بقايا نمبر29

ماضي ۾ به ڪراچي پاڪستان پيپلز پارٽي جو مضبوط قلعو هو ۽ اڄ به ڪراچي پيپلز پارٽي جو ئي آهي: سعيد غني

جمهوريت مخالف قوتن جي ڪلهن تي چڙهي هن شهر، صوبي ۽ ملڪ ۾ اقتدار ۾ آيون، تن کي اڄ شهر ۽ ملڪ جي عوام مڪمل طور رد ڪري ڇڏيو آهي

سعيد غني پيپلز پارٽي ۾ شامل ٿيندڙ سمورن چونڊيل بلدياتي نمائندن، پارٽي عهديدارن ۽ ڪارڪنن کي ڀليڪار ڪيو

يو سي 6 جو صدر محمد علي ۽ شاهه فيصل ٽائون يو سي 6 جو وائيس چيئرمين اختر پتافي سميت ٻيا پارٽي اڳواڻ پڻ موجود هئا

ان موقعي تي سعيد غني پيپلز پارٽي ۾ شامل ٿيندڙ پي ٽي آءِ جي چونڊيل بلدياتي نمائندن ۽ پارٽي عهديدارن کي پارٽي جا جهنڊا پارائي ڀليڪار ڪيو

ڪراچي (رپورٽر)سنڌ جي محنت، انساني وسيلن ۽ سماجي تحفظ واري وزير ۽ پاڪستان پيپلز پارٽي ڪراچي جي صدر سعيد غني چيو آهي ته ماضي ۾ به ڪراچي پاڪستان پيپلز پارٽي جو مضبوط قلعو هو ۽ اڄ به ڪراچي پيپلز پارٽي جو ئي آ/ڏسو صفحو 2 بقايا نمبر30

لاهور: سينيئر صوبائي وزير مريم اورنگزيب لاهور ۾ تقريب کي خطاب ڪندي

وزيراعظم پاران آذربائيجان جي "يوم فتح" جي ڇهين سالگره جي موقعي تي صدر الهام عليوف ۽ عوام کي مبارڪباد

اسلام آباد (بيورو) وزيراعظم محمد شهباز شريف آذربائيجان جي "يوم فتح" جي ڇهين سالگره /ڏسو صفحو 2 بقايا نمبر31

هڪ ڪارگو جهاز ۾ باهه لڳڻ بعد ان ۾ سوار عملي جي سمورن 22 ميمبرن کي ريسڪيو ڪري ورتو

دبئي(م ڊ)متحده عرب امارات جي نيشنل گارڊز خليج عمان ۾ هڪ ڪارگو جهاز ۾ باهه لڳڻ بعد ان ۾ سوار عملي جي سمورن 22 ميمب/ڏسو صفحو 2 بقايا نمبر32

ايران جي قومي سلامتي ڪائونسل جي سربراهه محسن رضائي آمريڪا کي خبردار ڪيو آهي ته جنگ شروع ڪندئو ته تباهه ڪندڙ ردعمل ملندو

تهران(م ڊ) ايران جي قومي سلامتي ڪائونسل جي سربراهه محسن رضائي آمريڪا ک/ڏسو صفحو 2 بقايا نمبر33

هندو برادريءَ جو ورثو سنڌ جي سڃاڻپ ۽ قومي زندگيءَ جو لازمي حصو آهي: خاتون اول

سنڌ جي ڌيءَ هجڻ ناطي ڏياري جو ڏڻ منهنجي دل ۾ هڪ خاص جاءِ رکي ٿو

سنڌ جي محبت، مهمان نوازي ۽ مختلف مذهبن جي احترام جو جذبو منهنجي پنهنجي ورثي جو حصو آهي

اسلام آباد (بيورو) خاتون اول بي بي آصفه ڀٽو زرداري ڏياريءَ جي پرمسرت موقعي تي پاڪستان ۽ سڄي دنيا ۾ رهندڙ هندو برادري / ڏسو صفحو 2 بقايا نمبر34

پنهنجي ئي ڌيءَ سان ڇهن مهينن تائين مبينا زيادتي جا الزام انتهائي سنگين، شرمناڪ ۽ انسانيت کي لوڏي ڇڏيندڙ آهن: سردار عبدالرحيم

پنهنجي ئي ڌيءَ سان ڇهن مهينن تائين مبينا زيادتي جا الزام انتهائي سنگين، شرمناڪ ۽ انسانيت کي لوڏي ڇڏيندڙ آهن

سوشل ميڊيا تي سامهون آيل وڊيو ۽ معصوم نياڻي پاران لڳايل الزامن جو فوري نوٽيس وٺندي واقعي جي غيرجانبدار ۽ شفاف جاچ ڪرائي وڃي

پوليس جوابدار جي گرفتاري لاءِ ترت قدم کڻي ۽ ڪنهن به قسم جي دٻاءَ يا اثر رسوخ کي جاچ جي راهه ۾ رنڊڪ بڻجڻ نه ڏنو وڃي

ڪراچي (رپورٽر) پاڪستان مسلم ليگ فنڪشنل سنڌ جي سيڪريٽري جنرل سردار عبدالرحيم دادو ۾ 16 ورهين جي آمنه رند سان مبينا زيادتي واري افسوسناڪ واقعي تي سخت ڏک ۽ ڳڻتي جو اظهار ڪندي چيو آهي ته پنهنج/ڏسو صفحو 2 بقايا نمبر35

جمهوري سوچ جي ترجمان
Daily
AWAMI SOACH
Karachi
روزاني
عوامي سوچ
ڪراچي
چيف ايگزيڪيوٽو : سيد شفقت حسين شاهه شيرازي
سومر 09 نومبر 2026ع بمطابق 28جمادي الاول 1448هه

مهانگائيءَ جي ٻٽي ٻاهه ۾ ٻرندڙ عوام

ملڪ ۾ مهانگائيءَ جو طوفان رڪجڻ بدران ڏينهون ڏينهن وڌيڪ شدت اختيار ڪري رهيو آهي. عام ماڻهو اڳ ئي پيٽرول، ڊيزل، اٽي، کنڊ، ڪاڌي پيتي جي شين ۽ روزمره جي ضرورتن جي وڌندڙ اگهن سبب سخت معاشي ڏکيائين کي منهن ڏئي رهيو آهي. مٿان وري ايل پي جي گئس جي من پسند اگهن تي وڪري ۽ بجليءَ جي في يونٽ قيمت ۾ واڌ عوام جي پريشانين ۾ وڌيڪ اضافو ڪري ڇڏيو آهي. هڪ پاسي حڪومت مهانگائيءَ تي ضابطو آڻڻ ۽ عوام کي رليف ڏيڻ جون دعوائون ڪري رهي آهي ته ٻئي پاسي مارڪيٽ ۾ واپارين، ذخيره اندوزن ۽ ناجائز منافعو ڪمائيندڙن جي من ماني جاري آهي. سوال اهو آهي ته آخر حڪومت جي قيمتن تي ضابطي واري مشينري ڪٿي آهي ۽ عام ماڻهوءَ کي پنهنجي بنيادي ضرورتن لاءِ ايتري وڏي قيمت ڇو ادا ڪرڻي پئجي رهي آهي؟

ايل پي جي گئس هن وقت ملڪ جي لکين گهرن جي بنيادي ضرورت بڻجي چڪي آهي. خاص طور تي انهن علائقن ۾ جتي پائيپ لائين ذريعي قدرتي گئس جي فراهمي موجود ناهي يا گئس جي لوڊشيڊنگ سبب گهرن ۾ ڪاڌو تيار ڪرڻ ڏکيو ٿي ويو آهي، اتي ايل پي جي عوام جي مجبوري بڻيل آهي. اهڙي صورتحال ۾ جڏهن گئس فراهم ڪندڙ ڪمپنين ۽ دڪاندارن طرفان سرڪاري مقرر ڪيل اگهن بدران پنهنجي مرضيءَ سان قيمتون وصول ڪيون وڃن ته ان جو سڌو بار غريب ۽ وچولي طبقي جي گهرن تي پوي ٿو. 7 نومبر 2026ع تي سامهون آيل جاچ موجب ڪوئيٽا ۽ ڀرپاسي وارن علائقن ۾ ايل پي جي 570 کان 650 رپيا في ڪلوگرام، لاهور، راولپنڊي، ملتان ۽ سرگودا ۾ 550 کان 600 رپيا، ڪراچي ۾ 530 کان 580 رپيا، جڏهن ته گهوٽڪي ۾ 600 رپيا في ڪلوگرام تائين وڪرو ٿي رهي آهي. انهن اگهن مان اندازو لڳائي سگهجي ٿو ته ايل پي جي خريداري عام گهريلو صارف لاءِ ڪيتري ڏکي ٿيندي پئي وڃي. جڏهن ته حڪومت جي ذميواري آهي ته توانائي جي هن اهم ضرورت جي فراهمي مناسب اگهن تي يقيني بڻائي ۽ غيرقانوني منافعو ڪمائڻ وارن خلاف اثرائتي ڪارروائي ڪري.

حڪومت طرفان ايل پي جي جي قيمتن کي ضابطي ۾ آڻڻ لاءِ مقامي پيداوار جي 90 سيڪڙو حصي جي شفاف نيلامي ڪرڻ جو فيصلو ڪيو ويو آهي، جڏهن ته باقي 10 سيڪڙو سرڪاري مارڪيٽنگ ڪمپنين لاءِ مختص ڪرڻ جي رٿا سامهون آئي آهي. تجويز موجب نيلامي ميڊيا جي موجودگيءَ ۾ ڪئي ويندي ۽ هر ڪمپني کي روزانو وڌ ۾ وڌ 20 ميٽرڪ ٽن ايل پي جي حاصل ڪرڻ جي اجازت هوندي. پيٽروليم واري وزير علي پرويز ملڪ موجب نئون نيلامي نظام ايل پي جي جي منصفاڻي ورڇ، فراهميءَ جي نظام کي مستحڪم ڪرڻ ۽ صارفين کي مناسب اگهن تي گئس پهچائڻ ۾ مددگار ثابت ٿيندو، جڏهن ته روزاني پيداوار جي نگراني ڪري ان جا تفصيل وزيراعظم کي پيش ڪيا ويندا. بلاشڪ شفاف نيلامي ۽ پيداوار جي نگراني هڪ انتظامي قدم ٿي سگهي ٿو، پر اصل سوال اهو آهي ته نيلامي کان پوءِ گئس صارفين تائين ڪهڙي اگهه تي پهچندي؟ جيڪڏهن ڪمپنين کي مناسب اگهه تي ايل پي جي ملي ٿي، پر پرورهاست ڪندڙ واپاري ۽ دڪاندار پنهنجي مرضيءَ جا اگهه وصول ڪن ٿا ته پوءِ اهڙي نيلامي جو عام ماڻهوءَ کي ڪهڙو فائدو ٿيندو؟ حڪومت کي رڳو پيداوار ۽ نيلاميءَ جي نگراني ڪرڻ بدران سڄي فراهميءَ واري نظام تي نظر رکڻي پوندي، ڇاڪاڻ ته پيداوار کان وٺي صارف تائين پهچڻ دوران هر مرحلي تي ٿيندڙ ناجائز منافعو آخرڪار عوام جي کيسي مان ئي وصول ڪيو وڃي ٿو.

ايل پي جي جي وڌندڙ اگهن جو مسئلو اڃا حل ئي نه ٿيو آهي ته بجليءَ جي قيمت ۾ به 2 رپيا 37 پئسا في يونٽ واڌ جو اعلان عوام لاءِ هڪ ٻيو معاشي ڌڪ بڻجي ويو آهي. نيشنل اليڪٽرڪ پاور ريگيوليٽري اٿارٽي (نيپرا) سيپٽمبر 2026ع جي ماهوار فيول پرائس ايڊجسٽمينٽ تحت بجلي مهانگي ڪرڻ جو نوٽيفڪيشن جاري ڪيو آهي، جنهن موجب اها واڌ نومبر جي بجليءَ جي بلن ۾ لاڳو ٿيندي. اڳ ئي بجليءَ جا بل عام گهرن جي ماهوار آمدنيءَ جو وڏو حصو ڳڙڪائي رهيا آهن، مٿان وري فيول ايڊجسٽمينٽ، مختلف محصولن ۽ ٻين اضافي چارجز سبب صارفين لاءِ بجلي استعمال ڪرڻ به مهانگو ٿيندو پيو وڃي. هڪ عام مزدور، پورهيت، هاري، دڪاندار يا پگهاردار ماڻهوءَ لاءِ اهو ممڪن ناهي ته هر مهيني وڌندڙ بل بنا ڪنهن تڪليف جي ادا ڪري سگهي. بجليءَ جي قيمت ۾ معمولي واڌ به جڏهن لکين صارفين جي بلن ۾ شامل ٿئي ٿي ته مجموعي طور عوام تي اربين رپين جو اضافي بار پوي ٿو. حڪومت ۽ بجليءَ جي اختيارين کي اهو به ڏسڻو پوندو ته توانائيءَ جي شعبي ۾ ٿيندڙ خرچن ۽ انتظامي ناڪامين جو بار هر ڀيري عام صارف تي وجهڻ ڪيتري حد تائين مناسب آهي.

ملڪ ۾ مهانگائيءَ جو هڪ وڏو الميو اهو به آهي ته سرڪاري اگهه مقرر ڪرڻ ۽ نوٽيفڪيشن جاري ڪرڻ کي ئي عوامي رليف سمجهيو وڃي ٿو. جڏهن ته انهن فيصلن تي عملدرآمد ڪرائڻ جو نظام ڪمزور نظر اچي ٿو. اٽي، کنڊ، گيهه، سبزين، پيٽروليم شين ۽ هاڻي ايل پي جي جي اگهن ۾ به ساڳيو مسئلو سامهون اچي ٿو. حڪومت طرفان اگهه مقرر ٿين ٿا، پر مارڪيٽ ۾ انهن تي عمل ڪرائڻ لاءِ ضلعي انتظاميا، لاڳاپيل کاتن ۽ پرائس ڪنٽرول ادارن جي ڪارڪردگي اطمينان جوڳي نظر نٿي اچي. دڪاندارن خلاف وقتي ڇاپا هڻڻ، ڪجهه ڏنڊ لاڳو ڪرڻ ۽ پريس بيان جاري ڪرڻ سان مهانگائيءَ جو مستقل خاتمو ممڪن ناهي. ان لاءِ هڪ مضبوط، شفاف ۽ مسلسل نگرانيءَ وارو نظام ضروري آهي، جنهن ۾ ذخيره اندوزي، ناجائز منافعو خوري، غيرقانوني اگهه وصول ڪرڻ ۽ فراهميءَ ۾ رنڊڪ وجهڻ وارن خلاف بنا ڪنهن فرق جي ڪارروائي ڪئي وڃي.

حڪومت کي اهو پڻ سمجهڻ گهرجي ته مهانگائي رڳو معاشي انگن جو مسئلو ناهي، پر اهو لکين خاندانن جي زندگيءَ، ٻارن جي تعليم، صحت، خوراڪ ۽ مستقبل سان لاڳاپيل معاملو آهي. جڏهن هڪ گهر جو سربراهه محدود آمدنيءَ مان اٽو، گيهه، بجلي، گئس، ٻارن جي تعليم ۽ علاج جا خرچ پورا ڪرڻ جي ڪوشش ڪري ٿو ته هر نئين واڌ سندس سڄي گهريلو بجيٽ کي متاثر ڪري ٿي. ڪيترائي خاندان پنهنجي ضرورتن ۾ گهٽتائي ڪرڻ، ٻارن جي تعليم جا خرچ محدود ڪرڻ ۽ علاج ملتوي ڪرڻ تي مجبور ٿين ٿا. اهڙي صورتحال ۾ عوام کي رڳو صبر ڪرڻ جون نصيحتون ڪرڻ بدران حڪمرانن کي پنهنجي معاشي پاليسين ۽ انتظامي ڪارڪردگيءَ جو جائزو وٺڻ گهرجي.

سنڌ جي صورتحال به ان کان مختلف ناهي. خاص طور تي گهوٽڪي جهڙن ضلعن ۾، جتي ايل پي جي جو اگهه 600 رپيا في ڪلوگرام تائين پهچڻ جي ڄاڻ سامهون آئي آهي، اتي ضلعي انتظاميا کي فوري طور مارڪيٽ جو جائزو وٺڻ گهرجي. ڪراچي کان وٺي ننڍن شهرن ۽ ٻهراڙين تائين گئس جي وڪري جا اگهه معلوم ڪري سرڪاري مقرر ڪيل قيمتن تي عمل يقيني بڻائڻ ضروري آهي. ساڳئي وقت بجليءَ جي وڌندڙ بلن کان متاثر صارفين لاءِ به رليف جا عملي قدم کڻڻ گهرجن. رڳو اعلانن سان نه ته ايل پي جي سستي ٿيندي ۽ نه ئي بجليءَ جي بلن جو بار گهٽ ٿيندو.

حڪومت کي گهرجي ته ايل پي جي جي نئين نيلامي نظام کي مڪمل شفاف بڻائي، مقامي پيداوار ۽ مارڪيٽ ۾ وڪرو ٿيندڙ گئس جي اگهن وچ ۾ فرق ختم ڪري، هر ضلعي ۾ اگهن جي نگرانيءَ جو اثرائتو نظام قائم ڪري ۽ ناجائز منافعو ڪمائيندڙن خلاف سخت قانوني ڪارروائي ڪري. بجليءَ جي قيمتن بابت به اهڙي پاليسي اختيار ڪئي وڃي، جنهن ۾ عام صارف جي معاشي حالت کي نظر ۾ رکيو وڃي ۽ هر مهيني نون بارن وجهڻ بدران توانائيءَ جي شعبي جي بنيادي مسئلن کي حل ڪرڻ تي ڌيان ڏنو وڃي. عوام کي رليف ڏيڻ حڪومت جو احسان نه، پر ان جي بنيادي ذميواري آهي. حڪمرانن کي ياد رکڻ گهرجي ته عوام جي صبر کي ڪمزوري نه سمجهيو وڃي، ڇاڪاڻ ته جڏهن گهر جو چلهو ٻارڻ به ڏکيو ٿي پوي ۽ بجليءَ جو بل ادا ڪرڻ لاءِ به پريشانيون وڌي وڃن ته پوءِ رڳو وعدن ۽ اعلانن سان عوام جي دلين ۾ اعتماد بحال نٿو ڪري سگهجي. وقت جي گهرج آهي ته حڪومت ايل پي جي مافيا ۽ ناجائز منافعو خوريءَ تي ضابطو آڻي، بجليءَ جي وڌندڙ قيمتن جو بار گهٽائي ۽ عوام کي اهڙو حقيقي رليف فراهم ڪري، جيڪو سندن روزاني زندگيءَ ۾ محسوس به ٿي سگهي.

حڪومت ۽ مولانا آمهون سامهون، ڇا سياسي اختلاف انتقامي ڪارروايون تائين پهچي ويا؟

غلام مصطفيٰ جمالي

پاڪستان جي سياست ۾ ڪجهه شخصيتون اهڙيون هونديون آهن، جن جي سياسي جدوجهد، تجربو ۽ ثابت قدمي کين ملڪ جي سياسي منظرنامي ۾ هڪ الڳ سڃاڻپ ڏيندا آهن. مولانا فضل الرحمان به اهڙين ئي سياسي شخصيتن مان هڪ آهن، جن ڪيترن ئي ڏهاڪن کان ملڪ جي سياسي ميدان ۾ پنهنجو ڪردار ادا ڪيو آهي. هنن مختلف سياسي دورن ۾ جمهوريت، پارلياماني نظام ۽ آئين جي بالادستي لاءِ آواز اٿاريو آهي. اڄ جڏهن وفاقي حڪومت ۽ مولانا فضل الرحمان وچ ۾ سياسي اختلاف وڌي رهيا آهن ته هڪ اهم سوال پيدا ٿي رهيو آهي ته ڇا حڪومت سياسي اختلاف برداشت ڪرڻ بدران مخالف آواز کي دٻائڻ جي ڪوشش ڪري رهي آهي؟

تازن ڏينهن ۾ مولانا فضل الرحمان جي فرزند ۽ اڳوڻي وفاقي وزير اسعد محمود کي قومي احتساب بيورو (نيب) طرفان طلب ڪرڻ واري خبر سياسي حلقن ۾ نئين بحث کي جنم ڏنو آهي. اطلاعن موجب ڪيس پاڪستان پوسٽ آفيس ۾ مبينا غيرقانوني ڀرتين واري معاملي جي جاچ لاءِ 10 نومبر تي تحقيقاتي ٽيم آڏو پيش ٿيڻ جي هدايت ڪئي وئي آهي. ان کان سواءِ مولانا جي ڪجهه ويجهن ساٿين بابت ٻين ادارن جي ڪارروايون جون خبرون پڻ سامهون آيون آهن، جنهن سبب اڳ ئي موجود سياسي ڇڪتاڻ ۾ وڌيڪ اضافو ٿيو آهي.

هتي حڪومت کان هڪ اهم سوال پڇڻ ضروري آهي ته ڇا پاڪستان ۾ احتساب جو نظام واقعي غيرجانبدار آهي؟ ڇا قانون صرف انهن ماڻهن خلاف حرڪت ۾ اچي ٿو، جيڪي حڪومتي پاليسين سان اختلاف ڪن ٿا، يا اقتدار ۾ ويٺل شخصيتون به ساڳئي قانون تحت جوابده آهن؟ جيڪڏهن ڪنهن خلاف شڪايت يا ثبوت موجود آهن ته جاچ ضرور ٿيڻ گهرجي، پر اهو عمل هر سياسي جماعت ۽ هر بااثر شخصيت لاءِ هڪجهڙو هجڻ گهرجي.

مولانا فضل الرحمان جي سياست جو اهم پهلو اهو رهيو آهي ته هنن هميشه پنهنجي سياسي موقف جي اظهار کي جمهوري حق سمجهيو آهي. حڪومت جي پاليسين تي تنقيد ڪرڻ سندن آئيني ۽ سياسي حق آهي. جمهوريت ۾ اختلاف راءِ کي ڪمزوري نه، پر جمهوري نظام جي خوبصورتي سمجهيو ويندو آهي. جيڪڏهن حڪومت پنهنجي خلاف اٿندڙ هر آواز کي دشمني سمجهڻ لڳي ته پوءِ جمهوري آزاديءَ جي اهميت ڪهڙي رهندي؟

جمعيت علماءِ اسلام ملڪ جي سياست ۾ هميشه اهم ڪردار ادا ڪيو آهي. پارلياماني سياست هجي، آئيني معاملا هجن يا عوامي حقن جو مسئلو، جماعت مختلف دورن ۾ پنهنجي سياسي موجودگي برقرار رکي آهي. مولانا فضل الرحمان به ڏکين سياسي حالتن ۾ پنهنجي جماعت جي قيادت ڪندي سياسي جدوجهد جاري رکي آهي. سندن سياسي موقف سان اختلاف ٿي سگهي ٿو، پر سندن ڊگهي سياسي تجربي ۽ پارلياماني ڪردار کي نظرانداز نٿو ڪري سگهجي.

تازن ڏينهن ۾ خيبرپختونخوا ۾ گورنر راڄ ۽ هنگامي حالت لاڳو ڪرڻ جي امڪانن بابت مولانا فضل الرحمان جيڪو موقف اختيار ڪيو آهي، اهو هڪ اهم آئيني بحث آهي. ڪنهن به صوبي ۾ چونڊيل حڪومت جي مستقبل جو فيصلو سياسي پسند يا ناپسند جي بنياد تي نه ٿيڻ گهرجي. پاڪستان جو آئين صوبن کي واضح سياسي ۽ انتظامي حيثيت ڏئي ٿو. جيڪڏهن ڪنهن صوبي ۾ مسئلا آهن ته انهن جو حل آئيني طريقيڪار، سياسي ڳالهين ۽ عوامي نمائندن جي مشاورت سان ڳولڻ گهرجي.

مولانا فضل الرحمان جي رهائشگاهه تي پاڪستان تحريڪ انصاف، تحريڪ تحفظ آئين پاڪستان ۽ جمعيت علماءِ اسلام جي اڳواڻن جي ملاقات پڻ موجوده سياسي صورتحال ۾ خاص اهميت رکي ٿي. ماضي ۾ انهن جماعتن وچ ۾ سياسي اختلاف رهيا آهن، پر موجوده حالتن ۾ هڪ ميز تي ويهڻ ان ڳالهه جو ثبوت آهي ته قومي ۽ آئيني معاملن تي سياسي جماعتون پنهنجن اختلافن کان مٿانهون ٿي گڏيل حڪمت عملي اختيار ڪري سگهن ٿيون.

ان ملاقات ۾ خيبرپختونخوا ۾ ممڪن گورنر راڄ، هنگامي حالت ۽ سياسي صورتحال بابت گڏيل حڪمت عملي تي صلاح مشورا ڪيا ويا، جڏهن ته آل پارٽيز ڪانفرنس ڪوٺائڻ تي پڻ غور ڪيو ويو. اهو سياسي عمل ظاهر ڪري ٿو ته مولانا فضل الرحمان رڳو پنهنجي جماعت جي سياسي مفادن تائين محدود ناهن، پر وسيع سياسي مشاورت ذريعي آئيني مسئلن تي اتفاق راءِ پيدا ڪرڻ جي ڪوشش ڪري رهيا آهن.

حڪومت کي سمجهڻ گهرجي ته سياسي جماعتن کي ملاقاتن، صلاح مشورن ۽ گڏيل موقف اختيار ڪرڻ کان روڪڻ جمهوري اصولن جي ابتڙ آهي. مخالف ڌر جو ڪم حڪومت کان سوال ڪرڻ، حڪومتي پاليسين تي تنقيد ڪرڻ ۽ عوامي مسئلن کي اجاگر ڪرڻ آهي. جيڪڏهن مخالف ڌر پنهنجو اهو ڪردار ادا نه ڪندي ته پوءِ جمهوريت ۾ احتساب ۽ جوابدهيءَ جو نظام ڪيئن مضبوط ٿيندو؟

اسعد محمود کي طلب ڪرڻ واري معاملي تي به ساڳيو اصول لاڳو ٿيڻ گهرجي. جيڪڏهن ڪنهن معاملي ۾ قانوني بي ضابطگي ٿي آهي ته ان جي جاچ ٿيڻ گهرجي، پر جاچ دوران ڪنهن سياسي اڳواڻ يا سندس خاندان کي اڳواٽ ڏوهاري قرار ڏيڻ درست ناهي. نيب سميت سمورن تحقيقاتي ادارن کي پنهنجي ساک برقرار رکڻ لاءِ غيرجانبداري، شفافيت ۽ قانون جي مڪمل پاسداري يقيني بڻائڻ گهرجي. ڪنهن کي رڳو سياسي وابستگيءَ جي بنياد تي نشانو بڻائڻ جو تاثر به جمهوري نظام لاءِ نقصانڪار آهي.

احتساب جي حوالي سان هڪ ٻي اهم ڳالهه اها به آهي ته ادارن جي ڪارروائي جو مقصد ڪنهن سياسي جماعت کي ڪمزور ڪرڻ نه، پر قانون جي ڀڃڪڙي ڪندڙن کي انصاف جي ڪٽهڙي ۾ آڻڻ هجڻ گهرجي. جيڪڏهن جاچ جا نتيجا شفاف نموني سامهون اچن، ثبوتن جي بنياد تي ڪارروائي ٿئي ۽ هر ڌر کي پنهنجو موقف پيش ڪرڻ جو موقعو ملي ته عوام جو ادارن تي اعتماد وڌي سگهي ٿو. پر جيڪڏهن احتساب جي عمل ۾ چونڊ ۽ سياسي وابستگيءَ جو تاثر پيدا ٿئي ته پوءِ انصاف جي نظام بابت سوال اٿڻ فطري ڳالهه آهي.

پاڪستان جي سياسي تاريخ شاهد آهي ته سياسي مخالفن کي دٻائڻ جي ڪوششن سان ڪڏهن به مستقل استحڪام پيدا نه ٿيو آهي. هر دور ۾ سياسي اختلاف ختم ڪرڻ لاءِ طاقت ۽ انتظامي قدمن جو سهارو ورتو ويو، پر وقت ثابت ڪيو آهي ته سياسي نظرين ۽ عوامي حمايت کي اهڙين ڪارروايون سان ختم نٿو ڪري سگهجي. سياسي جماعتون چونڊن، پارليامينٽ ۽ عوامي رابطن ذريعي پنهنجو ڪردار ادا ڪنديون رهن ٿيون.

وفاقي حڪومت کي گهرجي ته سياسي ڇڪتاڻ گهٽائڻ لاءِ سنجيده ڳالهين جو رستو اختيار ڪري. مولانا فضل الرحمان جهڙي تجربيڪار سياسي اڳواڻ سان اختلافن کي ذاتي محاذ آرائي ۾ تبديل ڪرڻ بدران قومي مسئلن تي ڳالهه ٻولهه ڪرڻ گهرجي. ملڪ اڳ ئي معاشي مشڪلاتن، مهانگائي، بيروزگاري ۽ عوامي پريشانين کي منهن ڏئي رهيو آهي. اهڙين حالتن ۾ سياسي قيادت کي هڪ ٻئي خلاف محاذ کولڻ بدران عوامي مسئلن جي حل تي ڌيان ڏيڻ گهرجي.

جمعيت علماءِ اسلام جو موقف واضح آهي ته جماعت آئين، قانون ۽ جمهوري اصولن جي دائري ۾ رهي پنهنجي سياسي جدوجهد جاري رکندي. ڪنهن به غيرمنصفاڻي قدم خلاف آواز اٿارڻ سياسي جماعتن جو حق آهي. سياسي اختلافن جو جواب به آئيني ۽ جمهوري طريقي سان ڏيڻ ئي ملڪ ۽ قوم جي مفاد ۾ آهي.

ان سان گڏ اهو به ضروري آهي ته ملڪ ۾ سياسي جماعتن کي برابريءَ جا موقعا ڏنا وڃن. ڪنهن جماعت جي سياسي طاقت، قيادت يا عوامي حمايت کان خوفزده ٿيڻ بدران ان سان جمهوري مقابلو ڪيو وڃي. عوام جو اعتماد نعريبازيءَ سان نه، پر بهتر حڪمراني، انصاف ۽ عملي ڪارڪردگيءَ سان حاصل ٿيندو آهي. جيڪڏهن سياسي قيادت هڪ ٻئي کي برداشت ڪرڻ سکي وٺي ته ملڪ ۾ سياسي استحڪام پيدا ڪرڻ ڏکيو نه رهندو.

حڪومت ۽ مخالف ڌر ٻنهي تي اها ذميواري لاڳو ٿئي ٿي ته سياسي اختلافن کي اهڙي حد تائين نه وڌايو وڃي، جتي ڳالهين جا دروازا بند ٿي وڃن. پارليامينٽ هڪ اهڙو فورم آهي، جتي حڪومت ۽ مخالف ڌر گڏجي قومي مسئلن تي بحث ڪري سگهن ٿا. سياسي جماعتن کي گهرجي ته پارلياماني فورمن کي اثرائتو بڻائين ۽ عوام جي مسئلن کي اوليت ڏين. ذاتي بيانن، الزامن ۽ هڪ ٻئي خلاف سياسي محاذ آرائيءَ سان نه معيشت بهتر ٿيندي ۽ نه ئي عوام کي رليف ملندو.

مولانا فضل الرحمان جي سياسي جدوجهد کي به انهيءَ جمهوري تناظر ۾ ڏسڻ گهرجي. سندن جماعت کي پنهنجي موقف جي اظهار، سياسي گڏجاڻين ۽ آئيني معاملن تي ٻين جماعتن سان مشاورت جو مڪمل حق حاصل آهي. ساڳئي وقت ڪنهن به جماعت يا اڳواڻ کي قانون کان مٿانهون به نه هجڻ گهرجي. اصل معيار اهو آهي ته قانون سڀني لاءِ هڪجهڙو هجي ۽ ڪنهن به اداري جي ڪارروائي ذاتي يا سياسي پسند ۽ ناپسند کان پاڪ هجي. آخر ۾ حڪومت کي اها حقيقت تسليم ڪرڻي پوندي ته مولانا فضل الرحمان جي سياسي آواز کي دٻائڻ سان ملڪ جا سياسي مسئلا ختم نه ٿيندا. جيڪڏهن حڪومت اهو سمجهي ٿي ته تحقيقاتي ڪارروايون يا سخت بيانن ذريعي مخالف ڌر کي خاموش ڪرائي سگهجي ٿو ته اها سياسي غلطي هوندي. احتساب ضرور ٿيڻ گهرجي، پر بنا فرق، شفاف ۽ قانون موجب. جمهوريت ۾ حڪومت جي طاقت مخالف آوازن کي خاموش ڪرائڻ ۾ نه، پر تنقيد برداشت ڪرڻ، ڳالهين جو رستو اختيار ڪرڻ ۽ آئين جي پاسداري ڪرڻ ۾ هوندي آهي. پاڪستان کي هن وقت سياسي انتقام نه، پر سياسي برداشت جي ضرورت آهي. حڪومت کي گهرجي ته سياسي اختلافن کي دشمني نه سمجهي ۽ مولانا فضل الرحمان سميت سموري سياسي قيادت سان آئيني حدن اندر رهي ڳالهيون ڪري، ڇو ته جمهوريت جي اصل ڪاميابي ڪنهن هڪ جماعت جي فتح نه، پر آئين جي بالادستي، عوام جي حقن ۽ سياسي آزادين جي تحفظ ۾ آهي.

پڙهندي وڌندي سنڌ تڏهن جڏهن استاد کي بااختيار ۽ مانائتو ڪيو ويندو

خيال ڪتري

تعليم کاتي طرفان وڏي زور شور سان نعرو هنيو پيو وڃي، ته "پڙهندي سنڌ ته وڌندي سنڌ". جنهن جي نه رڳو اظهار تائين تشهير ٿي رهي آهي. پر ان نعري کي هر سرڪاري اخبار اشتهار جي زينت پڻ بنايو ويو آهي. جنهن مان دنيا کي لڳي ٿو ته تعليم کاتو پنهنجي صوبي جي ماڻهن جي تعليم لاءِ دل ۾ وڏو درد رکي ٿي. پر ان جي قلعي تڏهن کُلي وڃي ٿي، جڏهن تعليم کاتي جي ڪرنگهي کي ڏسجي ٿو جنهن کي ڏڀرو ۽ ڪمزور ڪرڻ لاءِ رياست وسان ڪين گهٽايو آهي. هر وقت ڪوشان رهي آهي ته تعليمي زمين کي پاڻ ڏئي مضبوط ڪرڻ بدران ان کي زهريلن مادن سان آبياري ڪري ان کي پنهنجي ڪِرت کان ناڪاره ڪري رهي آهي. جنهن ۾ هوءَ برابر ڪامياب وڃي رهي آهي.

هن وقت ڪراچيءَ ۾ هلندڙ استادن جي پُرامن احتجاج تي لٺين جو واهپو، ڳوڙها آڻيندڙ گيسن جو استعمال، ڪني ڪيميڪل واري پاڻيءَ جو وسڪارو، ٻڌ ٻڌان ۽ معزز پيغمبري پيشي سان سلهاڙيل استادن کي ٽاٽن تي پڌري پٽ تي ويهاري تذليل ڪرڻ کان به ڪين ڪيٻايو ويو آهي. جنهن ڪري سڄيءَ سنڌ جا استاد تاءَ ۾ اچي ويا آهن.

رياست جا والي خاص ڪري پرائمري استادن کي صفا گهٽ ۾ گهٽ نگاهن جو مرڪز بڻائيندڙ "سنڌ پڙهندي ته سنڌ وڌندي" جا نعرا وڏي واڪي هڻي رهي آهي. اچرج جوڳي ڳالهه آهي. جڏهن هڪ مستريءَ کي ان جي پوري مزوري نه ڏجي، ان کي سيمينٽ، ريتي، بجري، سرون ۽ امدادي سامان اڌ پورو ڏجي ته ڇا هو عمارت کي نقشي ۽ گهربل سامان موجب جوڙي ڏيندو. هرگز نه! بلڪل به نه! ڇاڪاڻ ته عمارت جي جڙڻ ۾ جيترو ساز و سامان لڳڻو هوندو اهوئي لڳندو. ان کان گهٽ سامان مان عمارت اڌ ۾ رهجي ويندي. مڪمل ڪڏهن ڪونه ٿيندي. هتي به حشر مستريءَ ۽ عمارت وارو آهي. جڏهن اسڪولن کي ڏسبو ته واڙن کان به بد تر عمارتون ڏسڻ ۾ اينديون ۽ انهن ۾ ڪتل سامان ملندو ۽ استاد کي ڏسو خاص ڪري پرائمري استادن کي. جن لاءِ ڪابه اڳتي وڌڻ جي گهٽي نه ڏني ويئي آهي. ترقيءَ جي راهن تي بند ٻڌي گهٽيون بند ڪيون ويون آهن. پرائمريءَ ۾ ڀرتي ٿيندڙ استاد پرائمريءَ ۾ ئي رٽائر ٿيندا. انهن کي ڪوبه اڳتي وڌڻ جو حق نه ڏنو ويو آهي. جڏهن ته سرڪار پاڻ تسليم ڪري ٿي ته پرائمري استادن جو سروس اسٽرڪچر تيار آهي. پر گذرل پنجن سالن کان تيار آهي، تيار آهي، بس تيار آهي! پر ڏيڻ لاءِ تيار ڪونهي. ڇو؟

پرائمري استادن آخر رياست جو ڪهڙو ڏوهه ڪيو آهي. جن لاءِ هر ڏينهن هڪ نئون عتابي ڏينهن هوندو آهي. انهن کي ذهني طور مفلوج بڻايو ويو آهي. ته جيئن اهي نوڪريون ڇڏي ڀڄي وڃن. ۽ اسين نوان استاد ٿوري پگهار تي انهن جي سيٽن تي ڀرتي ڪري، پيسا بچايون. ۽ انهن استادن کي ڀرتيءَ جي آرڊر ۾ ئي لکي ٻڌايون ته توهان جي پينشن ڪانه نهندي. توهان جي پگهار مان جيڪي پيسا توهين ڪترائيندا، ان کي ٻيڻو ڪري ڏينداسين. بس پوءِ توهين ڄاڻو توهان جو ڪم. اسان سان توهان جو ڪوبه واسطو نه رهندو. نه توهان جا گهروارا ان اهل هوندا ته توهان جي فوت ٿي وڃڻ کان پوءِ گهر جي چُل ٻاري سگهن.

احتجاج ڪندڙ استادن کي بجاءِ لٺ جي سرڪار هلائڻ جي انهن سان ڳالهيون ڪري. انهن جا مجيل جيڪي به مطالبا آهن. جن ۾ سروس اسٽرڪچر، بينيولنٽ فنڊ، گروپ انشورنس انهن کي رٽائرمينٽ وقت ادا ڪرڻ تي عمل ڪيو وڃي. ۽ هڪڙو نوٽيفڪيشن ڪڍي استاد اڳواڻن حوالي ڪيو وڃي. ان کان سواءِ سرڪاري آفيسرن جي معرفت بدليون ٿيندڙ استادن جي ڊيوٽين تي هوندي بايوميٽرڪ تحت غيرحاضريون ڄاڻائي عتاب ۾ آندل عزت ۽ مان سان واپس ڪرڻ. ۽ انهن جون بايوميٽرڪ تبديليون ڪرڻ، غير قانوني جبري رٽائرمينٽون واپس وٺڻ، غير ضروري پينلٽيون ختم ڪري، واپس ساڳئين جائين تي مقرريون ڪيون وڃن.

جيڪڏهن سرڪار پنهنجي ڏنل نعري "سنڌ پڙهندي ته سنڌ وڌندي" سان سچي آهي. ته ان کي عملي جامو پهرائڻ لاءِ پرائمري استادن کي انهن جو گهربل مان ڏيڻو پوندو ۽ انهن کي ٻين سرڪاري ملازمن جيان ترقين جون راهون کولي ڏنيو وينديون. ته جيئن استاد يڪ سخنا ٿي پنهنجي فرضن جي ادائگيءَ کي احسن طريقي سان ادا ڪري سنڌ جي ترقي ۽ واڌاري ۾ اضافو ڪري سگهي. ازان سواءِ هن وقت استادن کي هڪڙي جادوئي ليڪي ۾ بند ڪيو ويو آهي. جنهن ۾ هو ڪنهن کي به ڪجهه چوڻ جو مجاز نه آهي. ڀلي ڪير استادن جي تذليل ڪري وڃي ته ڪري وڃي. ان کي استاد ڪجهه به چئي. بس اندر جو سور اندر ۾ ئي رکيو پيو هلي. استاد جو ته ڪو ٻڌڻ وارو ئي ڪونهي. داد نه ڪو فرياد. سنڌ سرڪار کي واقعي جيڪڏهن سنڌ جي تعليم جو اونو آهي، ته ان کي پنهنجي استادن جي عزت، عظمت ۽ مان تي نظرثاني ڪرڻي پوندي. استاد کي ايترا حق ته ڏنا وڃن جو هو پنهنجي اسڪولن ۾ خود مختيار هجن. ڪو ايرو غيرو، موالي ميرو اسڪول ۾ اچي داداگيري ڪري نه وڃي. ٻارن کي ڏڙڪي ڏامان جو پابند بنايو وڃي. هي سڌريل ملڪ نه آهي، جتي عوام ۽ ٻار به سڌريل سماج جا مستفيد ٿيل هجن. هتي جي مائٽن کي اهڙو سماج ئي ناهي مليو جيڪو هنن کي هڪ ذميوار فرد بڻائي سگهي ها. هتي لٺ وارو سماج آهي. جنهن وٽ لٺ آهي، سڀ پاور ان وٽ آهن. پوءِ ڇا هي اهو اشراف هجي يا نه. ان جو شرافت سان ڪو ڳانڍاپوئي ڪونهي. بس پيسي وارو هجي، لٺ ڏڪي جو مڙس ماڻهو هجي، چار لوفر ڪڍ هجنس. ٻڌي ڇوڙي ڪرائيندو هجي. ان جي ئي عزت آهي. اهڙي سماج جا ٻار جن کي سماج مان ڪابه مثبت تربيت نه ٿي ملي، اهي اسڪولن ۾ به منفي سوچ جو مظاهرو ڪن ٿا. جن تي تنبيهه ڪرڻ سان انهن جا مائٽ استادن تي هلان ڪري ٿا اچن ۽ استاد اتي ويچارو بس ويچاروئي هوندو آهي. ڇاڪان ته سنڌ سرڪار ئي ان استاد جا هٿ ٻڌي ڇڏيا آهن. هاڻي سماجي منفي ماڻهو ڀلي پيا انهن جون بي عزتيون ڪن. ان سان ڪنهن به آفيسر جو ڪو سروڪار ڪونهي. تنهن ڪري سنڌ سرڪار کي هن پاسي پڻ تمام گهڻو ڌيان ڏين جي ضرورت آهي. جيڪڏهن استاد کي خاص ڪري پرائمري استاد کي معاشي ۽ معاشرتي سگهارو بڻايو ويندو، ته ان سان معاشرو سگهارو ۽ تعليم يافته بڻبو. جنهن نه رڳو سماج، پر سمورو صوبو هڪ نئين جذبي ۽ جدت سان نِسري دنيا ۾ پنهنجي ملڪ جو نالو مثالي بڻائيندو.

بقايا *** 01

وام تائين پهچايو وڃي، مهانگائي تي ڪنٽرول ڪرڻ ئي عوام کي رليف ڏيڻ جو اصل طريقو آهي. ملاقات دوران نوازشريف چيو ته اهڙيون پاليسيون ناهيون وڃن جنهن سان روزاني وارين استعمال جي شين جون قيمتون گهٽ رهن. مسلم ليگ(ن) جي هميشه اها خاصيت رهي آهي ته انهي هميشه اهڙيون پاليسيون ناهيون آهن جنهن جو سڌو سنئون فائدو عوام کي پهچي. انهي حوالي سان ٻڌايو پيو وڃي ته ٻنهي اڳواڻن جي ملاقات ڏيڍ ڪلاڪ تائين جاري رهي، شهباز شريف نواز شريف کي ملڪ جي گڏيل سياسي ۽ معاشي صورتحال کان آگاهه ڪيو. ملاقات کان پوءِ شهباز شريف جاتي امراءِ مان واپس روانو ٿي ويو.

بقايا *** 02

پر ۾ ڏياري ملهائيندڙ هندو برادري کي دل جي گهراين سان مبارڪباد ڏيندي انهن لاءِ خوشين، امن، محبت ۽ خوشحالي جون نيڪ تمنائون ظاهر ڪيون آهن. پنهنجي تهنيتي پيغام ۾ بلاول ڀٽو زرداري چيو ته ڏياري جو هر روشن ڏيو امن، اميد، محبت ۽ روشني جو پيغام ڏئي ٿو هن تهوار جي روشني مذهب، رنگ ۽ نسل جي فرق کان مٿانهون ٿي هر دل ۽ اڱڻ کي منور ڪري ٿي هن چيو ته هندو برادري پاڪستان جو اڻٽوٽ حصو آهي ۽ قومي تعمير ۽ ترقي ۾ ان جون خدمتون انمول آهن اسان جون خوشيون ۽ غم سانجها آهن ۽ پاڪستان ۾ آباد سموريون برادريون قومي زندگي جو اهم حصو آهن.بلاول ڀٽو زرداري جو چوڻ هو ته قائد عوام شهيد ذوالفقار علي ڀٽو جي متفقه آئين تحت سمورا غير مسلم شهري مساوي حقن ۽ موقعن جا حقدار آهن شهيد محترمه بينظير ڀٽو به اقليتن کي قومي فيصلو سازي ۾ موثر ڪردار ڏيارڻ لاءِ جدوجهد ڪئي.هن چيو ته صدر مملڪت آصف علي زرداري طرفان 11 سيپٽمبر کي قومي اقليتي ڏينهن قرار ڏيڻ اقليتن جي خدمتن کي اجاگر ڪرڻ جو اهم قدم آهي پاڪستان پيپلز پارٽي سمورن اقليتن جي حقن جي تحفظ ۽ فلاح و بهبود لاءِ پرعزم آهي.چيئرمين پيپلز پارٽي دعا ڪئي ته خوشين جا ڏيا هميشه روشن رهن ۽ هر گهر امن و محبت سان جڳمڳائيندو رهي.

بقايا *** 03

ان انتظامي يونٽ ناهڻ گهرجن، دنيا جي ڪيترن ئي ملڪن ۾ انتظامي يونٽ ناهيا ويندا آهن. پاڪستان ۾ به ان حوالي سان غور ٿيڻ گهرجي. ماضي ۾ سمورن صوبن کي ضم ڪري ون يونٽ ناهيو ويو هو البته بعد ۾ هي فيصلو واپس ورتو ويو.هڪ انٽرويو ۾ خواجه آصف چيو ته ملڪ جي آبادي ۾ اضافو ٿي چڪو آهي، ان ڪري عوام کي سهولتن جي فراهمي يقيني بڻائڻ ضروري آهي. افغانستان ۾ پهرين 8 کان 10 صوبا هئا، جن کي ورهائي 30 کان 32 صوبن ۾ تبديل ڪيو ويو.وزير دفاع چيو آهي ته طاقت جو مرڪز لاهور، ڪراچي، ڪوئيٽا ۽ پشاور تائين محدود نه هجڻ گهرجي، بلڪ صوبائي گادي وارن شهرن جا اختيار انتظامي يونٽن ڏانهن منتقل ٿيڻ گهرجن.هن چيو ته مرڪز کان منتقل ڪيل فنڊ صوبائي حڪومتن جي رحم و ڪرم تي رهجي ويندا آهن جيتوڻيڪ انهن فنڊن جي اصل منزل بلدياتي ادارا آهن بلدياتي ادارا به صوبائي حڪومتن جي رحم و ڪرم تي هوندا آهن.خواجه آصف چيو آهي ته سياستدانن کي سوچڻ گهرجي ته طاقت عوام جي امانت آهي پر سياستدانن جو نقطو نظر هي آهي ته هو سمورا اختيار پاڻ استعمال ڪرڻ چاهين ٿاهن چيو آهي ته جيڪڏهن 12 انتظامي يونٽ ناهڻ جي تجويز آهي ته 12 ئي ناهي ڇڏجن البته انهن جي جوڙجڪ ۾ ٻولي، نسل يا سياسي مفادن کي بنياد نه بڻائڻ گهرجي.

بقايا *** 04

ڪيه روانو ٿيندا جتي سندن مختلف عالمي اڳواڻن سان اهم ملاقاتون متوقع آهن.ميڊيا رپورٽ موجب وزيراعظم 13 نومبر تي وطن واپس پهچندا نائب وزيراعظم ۽ وزير خارجه سينيٽر اسحاق ڊار ۽ ڪجهه وفاقي وزير به سندن ساڻ هوندا.وزيراعظم جي ڪانفرنس جي موقعي تي بنگلاديش جي وزيراعظم طارق رحمان ۽ مصر جي صدر عبدالفتاح السيسي سان ٻطرفي ملاقاتون متوقع آهن انهن ملاقاتن ۾ علائقائي ۽ عالمي صورتحال، خاص طور وچ اوڀر ۾ جاري تڪرار ۽ خطي ۾ امن لاءِ پاڪستان جي سفارتي ڪوششن تي خيالن جي ڏي وٺ ڪئي ويندي ٻين شريڪ اڳواڻن سان به ٻطرفي دلچسپي جي معاملن تي ڳالهه ٻولهه متوقع آهي.ترڪيه 9 کان 20 نومبر تائين ڪوپ 31 ڪانفرنس جي ميزباني ڪري رهيو آهي جڏهن ته عالمي اڳواڻن جو سربراهي اجلاس 11 ۽ 12 نومبر تي انطاليه ۾ ٿيندو ترڪ صدر رجب طيب اردوان هن اجلاس جي ميزباني ڪندا.ڪانفرنس ۾ مختلف ملڪن جا سربراهه، حڪومتي نمائندا، ماحولياتي ڳالهه ٻولهه ڪندڙ ۽ عالمي ادارن جا عهديدار شرڪت ڪندا اجلاس ۾ ماحولياتي مالي مدد، صاف توانائي طرف منتقلي ۽ موسمياتي تبديلي جي اثرن کي منهن ڏيڻ جي قدمن تي غور ڪيو ويندو رپورٽ موجب آمريڪي حڪومت طرفان باضابطه وفد موڪلڻ جو امڪان ناهي البته آمريڪي ڪانگريس جا ميمبر ۽ ڪاروباري نمائندا شريڪ ٿي سگهن ٿا ڀارتي وزيراعظم نريندر مودي جي به اجلاس ۾ شرڪت جو امڪان ناهي ۽ ڀارت وزارتي سطح جو نمائندو موڪلڻ جو ارادو رکي ٿو

بقايا *** 05

ايران جي صدر مسعود پزشڪيان ۽ ايران جي قومي سلامتي ڪائونسل جي سربراهه محسن رضائي جي تازي دورن دوران روس ۽ ايران وچ ۾ دفاعي سهڪار سميت گيس جي نئين پائپ لائين وڇائڻ جي منصوبي تي به ڳالهه ٻولهه ٿي.رپورٽ ۾ چيو ويو آهي ته روس ڪيترن ئي سالن کان ايران کي ايس 400 دفاعي نظام وڪڻڻ جو اشارو ڏيندو رهيو آهي، البته اسرائيل ۽ خطي جي ٻين ملڪن سان لاڳاپا خراب ٿيڻ جي خدشي سبب هينئر تائين هن معاهدي تي اڳيرائي نه ٿي سگهي هئي.برطانوي اخبار جي رپورٽ موجب ايران تازي عرصي ۾ روس سان هٿيارن جي فراهمي جا ڪيترائي معاهدا ڪيا آهن. بظاهر هي معاهدا ايران جي ڊگهي مدي وارن دفاعي منصوبن جو حصو آهن جن جو مقصد آمريڪا سان ممڪن جنگ جي صورت ۾ پنهنجي دفاعي صلاحيت بهتر بڻائڻ آهي.اخبار ايران لاءِ روسي ميزائلن جي تياري جو به انڪشاف ڪيو آهي جن کي هيلي ڪاپٽر کان فائر ڪري سگهجي ٿو.محسن رضائي جي دوري ماسڪو کان آمريڪي صدر ڊونلڊ ٽرمپ جي ان دعويٰ تي به سوال اٿي ويا آهن ته روس ايران جي مدد نه ڪري رهيو آهي

بقايا *** 06

آهي. هن جو چوڻ هو ته اسان سياست کي واپار نه پر خدمت سمجهي ڪندا آهيون. پاڪستان ۾ حڪمران هڪ مخصوص طبقي جو نالو آهي ۽ اسان جو انهي طبقي سان ڪوبه تعلق نه آهي. اسان جو مقابلو اهڙي سوچ سان آهي جيڪو تعليم جو مخالف آهي. ايم ڪيو ايم اڳواڻ وڌيڪ چيو ته بجلي غريبن جي گهرن مان نڪري اميرن جي گهرن ۾ ويندي آهي، جڏهن ته ڪي اليڪٽرڪ جي بجلي غريبن جي گهرن تائين نٿي پهچائي وڃي.

بقايا *** 07

۾ ڏيندڙ هندو آفيسرن ۽ ملازمن کي ڏياري جي ڏڻ جون دلي واڌايون ڏنيون آهن. پنهنجي گڏيل پيغام ۾ ٻنهي آفيسرن چيو ته ڏياري روشني، اميد ۽ خوشين جو ڏڻ آهي جيڪو برائي تي چڱائي ۽ اونداهي تي روشني جي سوڀ جي علامت آهي. پاڪستان جو مذهبي ۽ ثقافتي رنگا رنگي وارو ماحول اسان جي قومي طاقت آهي گڏيل احترام، رواداري ۽ ڀائيچارو قومي يڪجهتي ۽ سماجي هم آهنگي جي واڌاري لاءِ انتهائي ضروري آهن. هنن ملڪ جي ترقي ۾ هندو برادري سميت ٻين مذهبي اقليتن جي خدمتن کي ساراهيندي چيو ته واٽر ڪارپوريشن پنهنجي اقليتي آفيسرن ۽ ملازمن جي محنت، لگن ۽ پيشوراڻي خدمتن کي قدر جي نگاهه سان ڏسي ٿو. اداري ۾ سمورن ملازمن لاءِ گڏيل احترام، سهڪار ۽ هڪجهڙن موقعن تي ٻڌل سازگار ماحول کي اهميت حاصل آهي. هنن دعا ڪئي ته ڏياري جو ڏڻ ملڪ لاءِ امن، محبت ۽ خوشحالي جو پيغام ڪٺي اچي ۽ عوام جي وچ ۾ بين المذهبي هم آهنگي کي وڌيڪ مضبوط بڻائي.

بقايا *** 08

ڪري ناڪاره بڻائي ڇڏيو آهي.ميڊيا رپورٽن موجب آمريڪي فوج جي سينٽرل ڪمانڊ (سينٽڪام) طرفان جاري ڪيل هڪ بيان ۾ دعويٰ ڪئي وئي ته جهاز جي سويلين عملي بار بار ڏنل وارننگن کي نظرانداز ڪيو ۽ ايران تي آمريڪا طرفان لاڳو ڪيل بحري ناڪابندي جي ڀڃڪڙي ڪرڻ جي ڪوشش ڪئي.سينٽڪام ٻڌايو ته آمريڪي فوجي جهاز 'سينٽ ڪٽس' جي جهنڊي واري ڪارگو جهاز 'ايم / وي هدي' جي پوئين حصي تي گائيڊڊ گولو بارود فائر ڪيو ته جيئن ان کي ناڪاره ڪيو وڃي هي ڪارروائي ان وقت ڪئي وئي جڏهن آمريڪي فورسز طرفان عملي کي ڪيترائي ڀيرا ان سامونڊي حدن مان نڪرڻ جي هدايت ڏني وئي پر هنن ان تي عمل نه ڪيو.اطلاعن موجب هي ڪارگو جهاز هڪ ايراني بندرگاهه جو دورو ڪرڻ بعد علائقائي پاڻين مان نڪرڻ جي ڪوشش ڪري رهيو هو

بقايا *** 09

غلام مصطفيٰ شاهه ڏياري جي پُرمسرت موقعي تي هندو برادري سان تعلق رکندڙ پارليامينٽ جي ميمبرن ۽ سڄي ملڪ ۾ رهندڙ هندو برادري کي دل جي گهراين سان مبارڪون ڏنيون آهن. قومي اسيمبلي جي ميڊيا ڊائريڪٽوريٽ جنرل پاران جاري پيغام ۾ قومي اسيمبلي جي اسپيڪر سردار اياز صادق چيو ته ڏياري هندو برادري جو هڪ اهم مذهبي ڏڻ آهي، جيڪو روشني، خوشي ۽ مسرت جو پيغام ڏئي ٿو. هن چيو ته هي ڏڻ هندو برادري لاءِ خوشي ملهائڻ ۽ پنهنجي مذهبي روايتن جو اظهار ڪرڻ جو هڪ اهم موقعو آهي. قومي اسيمبلي جي اسپيڪر چيو ته پاڪستان مختلف مذهبن، تهذيبن ۽ ثقافتن جو هڪ خوبصورت گلدستو آهي، جتي هر مذهب جي پيروڪارن کي پنهنجي عقيدن مطابق زندگي گذارڻ جو حق آهي. قومي اسيمبلي جي اسپيڪر چيو ته پاڪستان جو آئين سمورن شهرين کي بنا ڪنهن فرق جي برابر حق ۽ مذهبي آزادي جي ضمانت ڏئي ٿو هن چيو ته پاڪستان جي هر شهري کي پنهنجي مذهب تي عمل ڪرڻ، عبادت ۽ مذهبي رسمون ادا ڪرڻ جو پورو حق حاصل آهي

بقايا *** 10

سان پوليس انسپيڪٽر جاويد ابڙو شهيد ٿي ويو، جڏهن ته سندس گهر واري زخمي ٿي پئي.پوليس موجب فائرنگ جي واقعي ۾ انسپيڪٽر جاويد ابڙو سخت زخمي ٿيو ۽ زخمن جي سٽ نه سهندي شهيد ٿي ويو، جڏهن ته سندس گهر واري به گولين لڳڻ سبب زخمي ٿي ٻنهي کي اسپتال منتقل ڪيو پئي ويوپوليس اختيارين جو چوڻ آهي ته انسپيڪٽر جاويد ابڙو تي ماضي ۾ به ڪيترائي قاتلانا حملا ٿي چڪا آهن. جڏهن ته سندس ڀاءُ کي به اڳ قتل ڪيو ويو آهي.ان کان علاوه گهرو وزير سنڌ ضياءَ الحسن لنجار اسٽيل ٽائون ۾ فائرنگ جي واقعي جو نوٽيس وٺندي ايس ايس پي ملير کان تفصيل طلب ڪري ورتا آهن.گهرو وزير پوليس اختيارين کي هدايت ڪئي آهي ته فائرنگ جي واقعي ۾ ملوث عنصرن جي فوري نشاندهي ڪري انهن کي قانون جي گرفت ۾ آندو وڃي واقعي جي سمورن پهلوئن کان جاچ ڪئي وڃي ۽ جوابدارن جي گرفتاري لاءِ موثر قدم کنيا وڃن.ضياءَ الحسن لنجار چيو ته پوليس آفيسرن ۽ اهلڪارن جي جان و مال جي تحفظ کي يقيني بڻائڻ لاءِ سمورا ضروري قدم کنيا وڃن. جڏهن ته امن امان جي صورتحال متاثر ڪندڙ عنصرن خلاف بلاامتياز ڪارروائي عمل ۾ آندي وڃي.

بقايا *** 11

يو، جنهن ۾ مختلف ادارن جي آفيسرن ۽ مير رضا جي گهرڀاتين شرڪت ڪئي. مير رضا جي وارثن ۽ وڪيل جبران ناصر ٻڌايو ته ڇنڇر ڏينهن رڳو مير رضا جي والد جو بيان قلمبند ڪيو ويو. وڪيل جبران ناصر جو چوڻ هو ته هنن پنهنجا خدشا جي آءِ ٽي آڏو رکيا آهن. فيروز آباد ٿاڻي جي ايس ايڇ او جي ڪردار جي تفصيلي جاچ ڪئي وڃي، جڏهن ته احمد ۽ عبدالله بهادر جي ڪردار جي به جاچ ٿيڻ گهرجي. ڊي آءِ جي ويسٽ عرفان بلوچ چيو ته ڪيس جي تفصيلي جاچ ڪئي ويندي ۽ نئين سر جاچ لاءِ پوليس توڙي ٻين ادارن جا عملدار ڪم ڪندا. ايندڙ اجلاس ۾ لاڳاپيل پوليس آفيسرن کي به طلب ڪيو ويندو.

بقايا *** 12

اڄ به قومي ترقي، خوداعتمادي ۽ نوجوان نسل جي رهنمائي جو اهم ذريعو آهن. پنهنجي پيغام ۾ هنن چيو ته علامه محمد اقبال جو فلسفو انسان کي پنهنجي صلاحيتن کي سڃاڻڻ، محنت ڪرڻ ۽ اعليٰ مقصدن جي حاصلات لاءِ جدوجهد ڪرڻ جو درس ڏئي ٿو. سندس تعليمات تي عمل ڪندي معاشري ۾ اتحاد، ذميواري جو احساس ۽ مثبت تبديلي آڻي سگهجي ٿي. احمد علي صديقي چيو ته اقبال جي فلسفي کي عملي زندگي ۾ اختيار ڪرڻ قومي ۽ ادارتي ترقي لاءِ انتهائي ضروري آهي. انجنيئر اسدالله خان جو چوڻ هو ته اقبال جي شاعري نوجوانن ۾ همت، خوداعتمادي ۽ بلند حوصلا پيدا ڪري ٿي. نوجوان نسل کي شاهين جون خوبيون اختيار ڪندي ملڪ جي ترقي ۾ پنهنجو ڀرپور ڪردار ادا ڪرڻ گهرجي. هنن ان عزم جو اظهار ڪندي چيو ته واٽر ڪارپوريشن شهرين کي پاڻي جي فراهمي ۽ نيڪالي جون بهتر سهولتون فراهم ڪرڻ جي لاءِ ايمانداري، محنت ۽ ذميواري جي احساس سان پنهنجون خدمتون جاري رکندو.

بقايا *** 13

سميت ٻيراجي علائقن ڏانهن لڏپلاڻ ۾ تيزي اچي وئي، ٿر جي مختلف علائقن ۾ پيئڻ جي پاڻي جي به شديد کوٽ آهي. گاهه دستياب نه هجڻ سبب جانورنپالڻ وارن جون مشڪلاتون وڌي ويون آهن سنڌ حڪومت طرفان ٿر کي آفت ستيل قرار ڏيڻ جو فيصلو ته ڪري ورتو ويو آهي پر ضلعي انتظاميا طرفان اڃان تائين اثرائتي عملي قدم نه کڻڻ سبب شهري مشڪلاتن جو شڪار آهن. پاڻي ۽ چاري جي کوٽ ٿر جي رهواسين کي پريشان ڪري ڇڏيو آهي

بقايا *** 14

چيئرينڊڙ نيتن ياهو حڪومت ناهڻ جي ڊوڙ مان ٻاهر ٿي ويااسرائيلي اخبار موجب اسرائيل جي صدر چيو ته جيڪڏهن حڪومت ناهڻ جون ڪوششون ناڪام ٿيون ته ڪنيسٽ کي ٽوڙيو ويندو ۽ ٻيهر اليڪشن ڪرايا ويندانيتن ياهو مطالبو ڪيو هو ته يونٽي گورنمينٽ ناهي وڃي البته صدر اهو مطالبو مڃڻ کان انڪار ڪري ڇڏيوحڪومت ناهڻ لاءِ گهربل ووٽ حاصل ڪرڻ ۾ ناڪام نيتن ياهو دعويٰ ڪئي هئي ته اسلام پسندن سان اپوزيشن جو اتحاد اسرائيل جي مستقبل ۽ سيڪيورٽي لاءِ خطرن جو سبب بڻجندوقانون سازن آئزن ڪوٽ جي حمايت ڪئي هئي جڏهن ته نيتن ياهو کي صرف 46 قانون سازن جي حمايت حاصل ٿي سگهي هئي

بقايا *** 15

د ٿي ويو پوليس موجب شهدادڪوٽ ۾ اڻڄاتل موٽرسائيڪل سوار هٿياربندن جي فائرنگ سبب ڊيوٽي تي موجود پوليس اهلڪار عبدالجبار جمالي زخمي ٿي پيو پوليس اهلڪار کي تعلقه اسپتال منتقل ڪيو ويو جتي هو زخمن جا سور نه سهندي فوت ٿي ويو. پوليس موجب فائرنگ جو واقعو اي سيڪشن ٿاڻي جي حد ۾ لکپٽ روڊ تي پيش آيو، جتي اڻڄاتل هٿياربندن ڊيوٽي تي موجود پوليس اهلڪار مٿان هٿيارن جا منهن کولي ڇڏيا، جنهن سبب پوليس اهلڪار عبدالجبار جمالي زخمي ٿي پيو جنهن کي اسپتال نيو ويو پر هو زخمن جا سور نه سهندي فوت ٿي ويو. واقعي بعد جوابدار فرار ٿيڻ ۾ ڪامياب ٿي ويا، جن جي ڳولا شروع ڪئي وئي آهي.انهي حوالي سان پوليس جو وڌيڪ چوڻ آهي ته شهيد پوليس اهلڪار عبدالجبار جمالي لکپٽ روڊ تي ڊيوٽي سرانجام ڏئي رهيو هو، جڏهن ته فائرنگ واري واقعي جو ڪارڻ معلوم نه ٿي سگهيو آهي، جاچ بعد ئي حقيقتون سامهون اچي سگهنديون

بقايا *** 16

يسٽيگيشن ڪياماڙي موجب پوليس اٽڪ ۾ ڪارروائي ڪندي ڪراچي جي علائقي پاڪ ڪالوني مان گم ٿيل نينگري ڪومل کي بازياب ڪرايو، جڏهن ته ڪارروائي دوران هڪ جوابدار عمر شهزاد کي پڻ گرفتار ڪيو ويو آهي. ايس ايس پي موجب نينگري 16 سيپٽمبر 2026ع تي گهران سامان وٺڻ لاءِ نڪتي هئي، جنهن کانپوءِ گم ٿي وئي هئي. واقعي جو ڪيس پاڪ ڪالوني ٿاڻي تي نامعلوم جوابدارن خلاف داخل ڪيو ويو هو. پوليس موجب جاچ ٽيم ٽيڪنيڪل بنيادن تي معلومات حاصل ڪرڻ کانپوءِ اٽڪ ۾ ڪارروائي ڪري نينگري کي بازياب ڪرايو. ايس ايس پي انويسٽيگيشن ڪياماڙي وڌيڪ ٻڌايو ته نينگري جي بازيابيءَ لاءِ ليڊي سب انسپيڪٽر مسرت ڪوڪر پوليس پارٽيءَ سان گڏ ڪارروائي ڪئي. گرفتار جوابدار عمر شهزاد کان وڌيڪ جاچ شروع ڪئي وئي آهي.

بقايا *** 17

پيو. حادثي ۾ ڪو به جاني نقصان نه ٿيو هڪ شهري دعويٰ ڪئي آهي ته ڪار سوار ڪيترين ئي گاڏين کي ٽڪر هڻي فرار ٿي رهيو هو. واقعي بابت پوليس جي جاچ جاري آهي

بقايا *** 18

جي مقام تي شاهه سچل سامي مڇي مارڪيٽ جو باقاعده افتتاح ڪري ڇڏيو ان موقعي تي علائقي جي اهم سياسي، سماجي ۽ واپاري شخصيتن سميت معززين ۽ مقامي ماڻهن جو وڏو انگ موجود هو. افتتاحي تقريب ۾ سيد جان عالم شاهه شيرازي، عبدالجبار شيخ، سيد سڪندر عباس شاهه، سيد طارق شاهه، سيد امجد شاهه، مالڪ خشڪ، ذوالفقار سولنگي ۽ اياز ڀٽو سميت ٻين معزز شخصيتن شرڪت ڪئي. صوبائي وزيرجي آمد تي سندس گرمجوشي سان آجيان ڪئي وئي. ان موقعي تي خطاب ڪندي صوبائي وزير سيد رياض حسين شاهه شيرازي چيو ته مڇي مارڻ ساحلي علائقن جي ماڻهن جو هڪ اهم ذريعو معاش آهي. جڏهن ته مقامي مهاڻن جي محنت ملڪي معيشت ۽ غذائي ضرورتن کي پورو ڪرڻ ۾ نمايان ڪردار ادا ڪري ٿي. شورا موري ۾ شاهه سچل سامي مڇي مارڪيٽ جو قيام پڻ ان سلسلي جي هڪ اهم ڪڙي آهي. جنهن سان مقامي مهاڻن کي پنهنجي پيداوار جي خريد ۽ وڪري لاءِ هڪ باقاعده ۽ منظم واپاري مرڪز ميسر ٿيندو. هن چيو ته مڇيءَ جي واپار کي منظم بڻائڻ، مهاڻن کي بهتر ڪاروباري سهولتون فراهم ڪرڻ ۽ مقامي سطح تي معاشي سرگرمين کي هٿي وٺرائڻ لاءِ اهڙين مارڪيٽن جو قيام وقت جي اهم ضرورت آهي. نئين مڇي مارڪيٽ سان مهاڻن کي پنهنجي محنت جو بهتر معاوضو حاصل ڪرڻ، واپارين کي ڪاروباري موقعا ملڻ ۽ خريدارن کي هڪ ئي هنڌ مڇي خريد ڪرڻ جي سهولت فراهم ڪرڻ ۾ مدد ملندي. صوبائي وزير وڌيڪ چيو ته مڇي مارڻ جو شعبو صرف مڇيءَ جي شڪار تائين محدود ناهي، پر ان سان گڏ آمدرفت، برف جي فراهمي، مڇيءَ جي ذخيرو ڪرڻ، خريد ۽ وڪري سميت ٻيون به ڪيتريون ئي ڪاروباري سرگرميون لاڳاپيل آهن. مڇي مارڪيٽ فعال ٿيڻ سان انهن سمورن شعبن ۾ روزگار ۽ ڪاروبار جا نوان موقعا پيدا ٿيندا. جنهن سان مقامي نوجوانن ۽ پورهيت طبقي کي پڻ فائدو پهچندو. هن چيو ته ٺٽي ۽ ان جي ساحلي علائقن ۾ مڇي مارڻ واري شعبي جي ترقيءَ جا وسيع امڪان موجود آهن. مقامي وسيلن کي بهتر نموني استعمال ڪندي مهاڻن کي سهولتون فراهم ڪرڻ ۽ سندن معاشي حالت بهتر بڻائڻ اسان جي ترجيحن ۾ شامل هجڻ گهرجي. هن اميد ظاهر ڪئي ته شاهه سچل سامي مڇي مارڪيٽ علائقي جي واپاري سرگرمين کي وسعت ڏيڻ ۽ مڇي مارڻ واري شعبي کي وڌيڪ مضبوط بڻائڻ ۾ اهم ڪردار ادا ڪندي. تقريب ۾ شريڪ ماڻهن پڻ شاهه سچل سامي مڇي مارڪيٽ جي قيام کي علائقي جي مهاڻن، مڇيءَ جي واپارين ۽ ڪاروباري طبقي لاءِ هڪ خوش آئند اڳڀرائي قرار ڏنو هنن چيو ته شورا موري جو علائقو مڇي مارڻ جي حوالي سان خاص اهميت رکي ٿو ۽ هتي هڪ منظم واپاري مرڪز جي موجودگيءَ سان مڇيءَ جي خريد ۽ وڪري کي بهتر نموني اڳتي وڌائڻ ۾ مدد ملندي. واضح رهي ته شورا موري ۽ ان جي ڀرپاسي وارن علائقن ۾ وڏي انگ ۾ ماڻهن جو روزگار مڇي مارڻ ۽ ان سان لاڳاپيل ڪاروباري سرگرمين سان وابسته آهي. شاهه سچل سامي مڇي مارڪيٽ جي قيام سان مقامي پيداوار جي واپار کي هٿي وٺرائڻ، ڪاروباري رابطن کي مضبوط بڻائڻ ۽ علائقي ۾ معاشي سرگرمين کي وڌيڪ وسعت ڏيڻ جا امڪان روشن ٿيا آهن. تقريب جي پڄاڻيءَ تي صوبائي وزير سيد رياض حسين شاهه شيرازي ۽ ٻين معزز شخصيتن جي مڇي مارڪيٽ جي مختلف حصن جو دورو ڪيو ۽ ان جي قيام کي ساحلي علائقي جي واپاري ۽ معاشي ترقيءَ ڏانهن هڪ مثبت ۽ اهم قدم قرار ڏنو

بقايا *** 19

ڪندي قومي ادارن سان وابستگي برقرار رکڻ جو به اظهار ڪيو.سوشل ميڊيا تي جاري هڪ بيان ۾ فرخ خان ڪوڪر چيو آهي ته هو مولانا فضل الرحمان جي پاڪ فوج بابت سخت بيانن سان متفق ناهن ۽ ان اختلاف جي بنياد تي جمعيت علماءِ اسلام (ف) کان علحدگي اختيار ڪرڻ جو اعلان ڪري رهيا آهن.هن چيو ته هو، سندس والد ۽ سندس ادارو هميشه پاڪ فوج ۽ پاڪستان جي ٻين قومي ادارن سان گڏ بيٺا رهيا آهن ۽ انهن ادارن سان سندن وابستگي برقرار رهندي.فرخ خان ڪوڪر پنهنجي موقف جي وضاحت ڪندي چيو ته جيڪو به شخص پاڪ فوج يا قومي ادارن خلاف ڳالهائيندو هو ان کان لاتعلقي اختيار ڪندا

بقايا *** 20

اجلاس جي صدارت ڪندي وڏي وزير چيو ته صاف ۽ محفوظ پيئڻ جو پاڻي فراهم ڪرڻ حڪومت جي بنيادي ذميواري آهي ۽ سکر جي عوام کي پاڻي جي فراهمي بابت ڊگهي عرصي کان درپيش مسئلن جي حل لاءِ ڪا به ڪسر نه ڇڏي ويندي. اجلاس ۾ مڪاني ادارن وارو وزير سيد ناصر حسين شاهه، سيڙپڪاري ۽ پي پي پي يونٽ بابت خاص معاون سيد قاسم نويد، سکر جو ميئر ارسلان شيخ، پرنسپل سيڪريٽري آغا واصف، چيئرمين پلاننگ اينڊ ڊولپمينٽ بورڊ نجم شاهه، مڪاني ادارن وارو سيڪريٽري وسيم شمشاد، سيڪريٽري ٽرانسپورٽ ۽ ڊائريڪٽر جنرل پي پي پي يونٽ اسد ضامن ۽ سکر واٽر اينڊ سيوريج ڪارپوريشن جو چيف ايگزيڪيوٽو آفيسر جتن ڪمار شرڪت ڪئي. وڏي وزير چيو ته 1998ع کان 2023ع تائين سکر جي آبادي ۾ لڳ ڀڳ 68 سيڪڙو واڌ ٿي آهي، جنهن کي نظر ۾ رکندي شهر جي هاڻوڪي ۽ مستقبل جي گهرجن کي پورو ڪرڻ لاءِ جديد واٽر سپلاءِ نظام جوڙڻ انتهائي ضروري آهي. هن لاڳاپيل کاتن کي هدايت ڪئي ته آبادي ۾ واڌ، شهري پکيڙ ۽ پاڻي جي وڌندڙ گهرج کي نظر ۾ رکندي منصوبي جي رٿابندي ڪئي وڃي، ته جيئن هر گهر تائين صاف ۽ محفوظ پيئڻ جو پاڻي پهچي سگهي. سکر کي سسٽر سٽي بڻائڻ جو تصور سکر جي ترقي بابت پنهنجي وسيع تر ويزن جو اظهار ڪندي وڏي وزير چيو ته سکر کي چين جي يانگسي درياهه جي ڪناري آباد شهر ييچانگ (Yichang)سان سسٽر سٽي بڻائڻ جي تجويز غور هيٺ آهي. هن چيو ته ان تجويز سان چيني شهر جي ترقياتي تجربن مان سکڻ جو موقعو ملندو ۽ سکر کي جديد ۽ منظم شهري مرڪز بڻائڻ ۾ مدد ملندي. وڏي وزير چيو ته سنڌو درياهه جي ڪناري آباد هجڻ سبب سکر جي هڪ منفرد سڃاڻپ آهي. جڏهن اسان يانگسي درياهه جي ڪناري آباد چيني شهر ييچانگ سان سسٽر سٽي وارو تعلق قائم ڪرڻ طرف وڌي رهيا آهيون ته اسان کي سکر جي ترقي اهڙي انداز ۾ ڪرڻي پوندي، جيڪا شهر جي پنهنجي انفراديت ۽ صلاحيتن جي عڪاسي ڪري. هن چيو ته سکر بئراج جي بهتري ۽ شهر جي ترقي گڏجي جديد شهري سهولتن، قدرتي حسن ۽ ڀرپاسي جي ڀهراڙي واري ماحول جو هڪ شاندار سنگم پيدا ڪري سگهن ٿا. وڏي وزير مڪاني ادارن واري کاتي، پي پي پي يونٽ ۽ سکر واٽر اينڊ سيوريج ڪارپوريشن (ايس ڊبليو ايس سي) کي هدايت ڪئي ته منصوبي کي عملي ۽ پائيدار بنيادن تي اڳتي وڌايو وڃي، جڏهن ته عوامي مفاد، صارفين جي حقن جو تحفظ ۽ معياري سهولتن جي فراهمي کي اولين ترجيح ڏني وڃي. رٿا تحت روزانو 40 کان 50 ملين گيلن پاڻي صاف ڪرڻ جي گنجائش وڏي وزير جي صدارت هيٺ ٿيل اجلاس ۾ ٻڌايو ويو ته رٿا تحت روزانو 40 کان 50 ملين گيلن پاڻي صاف ڪرڻ جي گنجائش رکي وئي آهي. وڏي وزير لاڳاپيل اختيارين کي هدايت ڪئي ته پاڻي صاف ڪرڻ جي تجويز ڪيل گنجائش ۽ سيڙپڪاري جو تعين حقيقي ضرورتن جي جائزي، مضبوط فني رٿابندي ۽ آپريشنل تيارين جي بنياد تي ڪيو وڃي. رٿا ۾ هاڻوڪي واٽر ٽريٽمينٽ انفراسٽرڪچر کي بهتر بڻائڻ پڻ شامل آهي. جنهن ۾ بڪر بيٽ، بندر روڊ، نمائش گاهه ۽ ايئرپورٽ روڊ تي قائم پاڻي صاف ڪرڻ جون سهولتون شامل آهن. ان سان گڏ پاڻي جي پمپنگ ۽ ورڇ واري نظام کي به بهتر بڻايو ويندو. وڏي وزير زور ڀريو ته رٿا جي جوڙجڪ سکر جي پاڻي جي حقيقي گهرجن مطابق ڪئي وڃي ۽ ان ۾ مرحليوار واڌ جي حڪمت عملي شامل هجي، ته جيئن پاڻي جي وڌندڙ گهرج پوري ڪرڻ سان گڏ آپريشنل ڪارڪردگي ۽ مالي استحڪام پڻ برقرار رهي. پاڻي جي ورڇ جو نيٽ ورڪ وڌائڻ جي هدايت اجلاس کي ٻڌايو ويو ته هاڻوڪي ورڇ وارو نظام شهر جي لڳ ڀڳ 60 کان 70 سيڪڙو پاڻي جي گهرج پوري ڪري رهيو آهي. جڏهن ته 2 ارب 14 ڪروڙ رپين جي هلندڙ اي ڊي پي اسڪيم مڪمل ٿيڻ سان پاڻي جي فراهمي جو دائرو وڌي 80 کان 90 سيڪڙو تائين پهچڻ جي اميد آهي. وڏي وزير مڪاني ادارن واري کاتي، سکر جي ميئر ۽ سکر واٽر اينڊ سيوريج ڪارپوريشن کي هدايت ڪئي ته پاڻي صاف ڪرڻ جي گنجائش ۽ ورڇ واري نظام جي بهتري جا ڪم گڏوگڏ اڳتي وڌايا وڃن. هن چيو ته رڳو پاڻي جي پيداوار وڌائڻ سان مسئلو حل نه ٿيندو، جيستائين صاف ڪيل پاڻي شهر جي سمورن علائقن ۾ گهرن تائين نه پهچندو. هن لاڳاپيل آفيسرن کي رهيل معاملن کي حل ڪرڻ، رٿا تي عملدرآمد لاءِ مقرر ڪيل مدي تي سختي سان عمل ڪرڻ ۽ هر مرحلي تي شفافيت، جوابدهي ۽ معيار کي يقيني بڻائڻ جي پڻ هدايت ڪئي.

بقايا *** 21

ڊ پريشر سبب اسپتال منتقل ڪيو ويو آهي. بلوچستان پوليس جي ترجمان موجب اسپتال منتقل ڪيل اهلڪارن جي حالت خطري کان ٻاهر آهي. ترجمان ٻڌايو ته پوليس ٽريننگ ڪاليج ۾ 5 ۽ 7 نومبر تي ٻن اهلڪارن کي دل جو دورو پيو هو، جنهن سبب اهلڪار سميع الله ۽ مرزا خان فوت ٿي ويا هئا. بلوچستان پوليس جي ترجمان چيو ته پوليس ٽريننگ ڪاليج ۾ خراب خوراڪ يا فوڊ پوائزننگ جو ڪو به واقعو سامهون نه آيو آهي.

بقايا *** 22

پارليامينٽ جي هندو ميمبرن ۽ پاڪستان سميت سڄي دنيا ۾ آباد هندو برادري کي دلي مبارڪون ڏنيون آهن. سينيٽ سيڪريٽريٽ مان جاري پنهنجي مبارڪن واري پيغام ۾ سينيٽ چيئرمين چيو ته ڏياري روشني، اميد، خوشي ۽ نيڪي جي علامت آهي، جيڪا محبت، امن ۽ مثبت قدرن جو پيغام ڏئي ٿي. هن چيو ته پاڪستان مختلف مذهبن، ثقافتن ۽ تهذيبن سان تعلق رکندڙ ماڻهن جو گڏيل وطن آهي، جتي مذهبي رواداري، گڏيل احترام ۽ هم آهنگي اسان جي قومي سڃاڻپ جو هڪ اهم حصو آهن. سيد يوسف رضا گيلاني چيو ته پاڪستان جو آئين سڀني شهرين کي بنا ڪنهن فرق جي برابر جا حق، مذهبي آزادي ۽ پنهنجي عقيدن مطابق زندگي گذارڻ جي مڪمل ضمانت فراهم ڪري ٿو. هن چيو ته پاڪستان ۾ سڀني مذهبن جي پيروڪارن کي پنهنجي عبادت، مذهبي رسمن ۽ روايتن تي عمل ڪرڻ جي آزادي حاصل آهي.

بقايا *** 23

ف آذربائيجان جي يوم فتح جي ڇهين سالگرهه جي موقعي تي صدر الهام عليوف ۽ آذربائيجان جي بهادر ۽ برادر عوام کي دل جي گهراين سان مبارڪباد ڏيندي چيو آهي ته 8 نومبر جو ڏينهن آذربائيجاني قوم جي همت، عزم ۽ قربانين جي هڪ اهڙي تاريخي علامت آهي جنهن ذريعي ان قوم لڳ ڀڳ ٽن ڏهاڪن بعد پنهنجي علائقائي سالميت کي بحال ڪيو.اڄ ڏينهن ايڪس تي جاري پيغام ۾ وزيراعظم چيو ته اسان آذربائيجان جي انهن شهيدن کي خراج عقيدت پيش ڪريون ٿا جن جي قربانين هن فتح کي ممڪن بڻايو. پاڪستان کي ان ڳالهه تي فخر آهي ته هو ان وقت به آذربائيجان جي ڪلهي سان ڪلهو ملائي بيٺو هو ۽ اسان هميشه آذربائيجان سان گڏ بيٺا رهنداسين.وزيراعظم چيو ته گذريل سال باڪو ۾ منعقد ٿيل يوم فتح جي پريڊ جنهن ۾ مون کي صدر عليوف سان گڏ شرڪت ڪرڻ جو اعزاز حاصل ٿيو، ٻنهي ملڪن جي وچ ۾ قائم اٽوٽ رشتي جي عڪاسي هئي.هن چيو ته دعا آهي ته آذربائيجان مسلسل ترقي ۽ مضبوطي جون منزلون طئي ڪندو رهي ۽ ڏکڻ قفقاز جو خطو پائيدار امن ۽ گڏيل خوشحالي طرف وڌندو رهي

بقايا *** 24

ئي رهي آهي. وزيراعظم شهباز شريف هندو برادري کي ڏياريءَ جون واڌايون ڏيندي دعا ڪئي آهي ته روشنيءَ جو هي ڏڻ سڀني لاءِ امن، صحت، خوشين ۽ خوشحاليءَ جو پيغام ڪٺي اچي. هندو برادري جو چوڻ آهي ته ڏياري روشنيءَ جو ڏڻ آهي ۽ هو پنهنجو تهوار جوش ۽ جذبي سان ملهائي رهيا آهن.

بقايا *** 25

لدرآمد ڪندي 10 نومبر جي ڪازلسٽ مان گورنر راڄ، اڳوڻي وڏي وزير جي گرفتاري ۽ ساڳئي نوعيت جون ٻيون درخواستون خارج ڪري ڇڏيون آهن. عدالتي فيصلي موجب 12 آڪٽوبر 2026ع يا ان کانپوءِ داخل ڪيل درخواستون ٻڌڻيءَ لاءِ مقرر نه ٿينديون. فيصلي تحت گورنر راڄ ۽ ايمرجنسي خلاف درخواستن، اڳوڻي وڏي وزير ۽ خيبرپختونخوا اسيمبلي جي اسپيڪر جي گرفتاري وارن ڪيسن ۽ ٿري ايم پي او تحت داخل درخواستن جي ٻڌڻي هاڻي پشاور هاءِ ڪورٽ بدران وفاقي آئيني عدالت ڪندي.

بقايا *** 26

هي ته لگزري گاڏين تي ڪوبه ٽيڪس رليف نه ڏنو ويندو، حڪومت جي ترجيح وچولي طبقي ۽ گهٽ قيمت وارين گاڏيون خريد ڪندڙ شهرين کي رليف فراهم ڪرڻ آهي.جيڪو ماڻهو 8 کان 10 ڪروڙ رپين ماليت جي گاڏي خريد ڪرڻ جي سگهه رکي ٿو، اهو حڪومت کي ٽيڪس به ادا ڪري سگهي ٿو. البته وچولي طبقي جي گاڏين تي ٽيڪسن جو اضافي بار گهٽجڻ گهرجي.هڪ انٽرويو ۾ هن چيو ته گاڏين تي ٽيڪسن ۾ گهٽتائي ۽ مارڪيٽ ۾ مقابلي ۾ واڌ سان قيمتون گهٽجي وينديون. جنهن سان وچولي طبقي کي فائدو پهچندو.مصدق ملڪ چيو ته جتي ڪاروباري مفاد هوندا آهن، اتي لابنگ به ٿيندي آهي

بقايا *** 27

مزار اقبال تي گارڊز جي تبديلي جي پروقار تقريب منعقد ٿيندي هن ڏينهن جي مناسبت سان ملڪ ڀر ۾ علامه اقبال جي روح جي ايصال ثواب لاءِ قرآن خواني ۽ فاتحه خواني جون محفلون منعقد ڪيون وينديون جڏهن ته مختلف سياسي جماعتن ۽ تنظيمن طرفان خصوصي تقريبون ۽ سيمينار به منعقد ٿيندا جن ۾ مقرر علامه اقبال جي زندگي، شاعري ۽ پاڪستان جي قيام لاءِ جدوجهد تي روشني وجهندا.پاڪستان اسٽاڪ ايڪسچينج ۽ اسٽيٽ بئنڪ آف پاڪستان به يوم اقبال جي موقعي تي بند رهندا

بقايا *** 28

ن جي هندو برادري جي محنت، قربانيون ۽ قومي ترقي ۾ خدمتون اسان جي گڏيل قومي سڃاڻپ جو قابل فخر حصو آهن انهن جي خوشين ۾ شريڪ ٿيڻ ۽ انهن جي حقن و وقار جو تحفظ اسان جي گڏيل انسانيت ۽ قومي ذميواري آهي.هن چيو ته شهيد ذوالفقار علي ڀٽو 1973 جي متفقه آئين ذريعي سمورن شهرين جي مساوي حقن ۽ مذهبي آزادي کي آئيني تحفظ فراهم ڪيو. جڏهن ته شهيد محترمه بينظير ڀٽو اهڙي پاڪستان لاءِ جدوجهد ڪئي جتي مذهب يا عقيده جي بنياد تي ڪنهن به شهري جا حق محدود نه هجن.فريال ٽالپور جو چوڻ هو ته صدر مملڪت آصف علي زرداري طرفان 11 سيپٽمبر کي قومي اقليتي ڏينهن قرار ڏيڻ اقليتن جي خدمتن ۽ قومي زندگي ۾ انهن جي اهم مقام جو اعتراف آهي

بقايا *** 29

ڪچر بهتر سهولتن ۽ جديد انتظامي نظام ذريعي سکر جي پاڻي جي فراهمي واري نظام کي تبديل ڪرڻ لاءِ پرعزم آهي. هن چيو ته سکر شهر ۽ نيو سکر جي گڏيل شهري آبادي ۾ واڌ ٿي رهي آهي ۽ ايندڙ سالن ۾ ان ۾ وڌيڪ اضافي جو امڪان آهي. هن چيو ته رهائشي علائقن جي وڌندڙ پکيڙ ۽ پاڻي جي وڌندڙ گهرج کي نظر ۾ رکندي هڪ قابلِ اعتماد واٽر سپلاءِ نيٽ ورڪ قائم ڪرڻ ضروري آهي، جنهن لاءِ پاڻي صاف ڪرڻ جي مناسب گنجائش ۽ اثرائتو ورڇ وارو نظام پڻ هجڻ گهرجي. ناصر حسين شاهه وڏي وزير کي خاطري ڪرائي ته مڪاني ادارن وارو کاتو، سکر جو ميئر ۽ سکر واٽر اينڊ سيوريج ڪارپوريشن منصوبي تي

بقايا *** 30

هي. جيڪي جماعتون آمريتن ۽ جمهوريت مخالف قوتن جي ڪلهن تي چڙهي هن شهر، صوبي ۽ ملڪ ۾ اقتدار ۾ آيون. تن کي اڄ شهر ۽ ملڪ جي عوام مڪمل طور رد ڪري ڇڏيو آهي. هن چيو ته پاڪستان تحريڪ انصاف، ايم ڪيو ايم، مسلم ليگ فنڪشنل ۽ مسلم ليگ (ن) جي عهديدارن ۽ ڪارڪنن جي روزاني جي بنياد تي پاڪستان پيپلز پارٽي ۾ شموليت ان ڳالهه جو ثبوت آهي ته ملڪ جي حقيقي جمهوري طاقت صرف پاڪستان پيپلز پارٽي آهي.

بقايا *** 31

جي موقعي تي صدرالهام عليوف ۽ آذربائيجان جي بهادر ۽ پائر عوام کي دلي مبارڪباد ڏيندي چيو آهي ته 8 نومبرجو ڏينهن آذربائيجاني قوم جي همت، عزم ۽ قربانين جي هڪ اهڙي تاريخي علامت آهي جنهن جي ذريعي هن قوم تقريبن ٽن ڏهاڪن کانپوءِ پنهنجي علائقائي سالميت بحال ڪئي. اڄ ڏينهن ايڪس تي پيغام ۾ وزيراعظم چيو ته اسان آذربائيجان جي انهن شهيدن کي خراج تحسين پيش ڪريون ٿا جن جي قربانين هن فتح کي ممڪن بڻايو. پاڪستان کي ان ڳالهه تي فخر آهي ته هو ان وقت به آذربائيجان سان گڏ بيٺو هو ۽ اسان سدائين آذربائيجان سان گڏ بيٺل رهنداسين. وزيراعظم چيو ته گذريل سال باڪو ۾ منعقد ٿيندڙ "يوم فتح" پريڊ، جنهن ۾ مون کي صدر عليوف سان گڏ شرڪت ڪرڻ جو اعزاز حاصل ٿيو، ٻنهي ملڪن جي وچ ۾ قائم اٽٽ لاڳاپن جي عڪاسي هئي. هن چيو ته دعا آهي ته آذربائيجان ترقي ۽ مضبوطي جي بلندين کي ڇُهندو رهي ۽ هن چيو ته اسان ڏکڻ قفقاز ۾ پائيدار امن ۽ گڏيل خوشحالي جا خواهشمند آهيون ۽ دعا آهي ته ڏکڻ قفقاز خطو پائيدار امن ۽ گڏيل خوشحالي طرف گامزن رهي.

بقايا *** 32

رن کي بحفاظت ريسڪيو ڪري ورتواماراتي اخبار گلف نيوز جي رپورٽ موجب نيشنل گارڊز جي ڪوسٽ گارڊ يونٽ جهاز جي عملي طرفان هنگامي مدد جي اطلاع ملڻ تي فوري ڪارروائي شروع ڪئيخاص ٽيمن جهاز جو پتو لڳايو، ان تائين رسائي حاصل ڪئي ۽ عملي جي سمورن 22 ميمبرن کي بحفاظت ڪڍي ورتو ريسڪيو ڪيل ماڻهن جو تعلق خليجي ملڪن سان ٻڌايو ويو آهي.رپورٽ موجب عملي جي ميمبرن کي ابتدائي طبي امداد فراهم ڪرڻ بعد لاڳاپيل اختيارين حوالي ڪيو ويو، جڏهن ته سمورن ماڻهن جي حالت مستحڪم آهياماراتي نيشنل گارڊز موجب هن ڪارروائي سان سامونڊي هنگامي صورتحال کي منهن ڏيڻ ۽ انساني جانين جي تحفظ لاءِ ان جي اهلڪارن جي تياري ۽ صلاحيت جو اظهار ٿئي ٿو

بقايا *** 33

ي خبردار ڪيو آهي ته جنگ شروع ڪندئو ته تباهه ڪندڙ ردعمل ملندوپنهنجي بيان ۾ هن صدر ڊونلڊ ٽرمپ جو نالو وٺڻ کان سواءِ چيو ته توهان جنگ هارائي چڪا آهيو ۽ اليڪشن به محسن رضائي دعويٰ ڪئي ته نائب صدر جي ڊي وينس هار مڃي ورتي آهي، وزيرخارجه مارڪو روبيو عهدو ڇڏي رهيو آهي ۽ آمريڪي وزير دفاع هيگسيٿ کي نوڪري مان ڪڍيو وڃڻ وارو آهيهن وڌيڪ چيو ته سينٽڪام ڪمانڊر براڊ ڪاسٽر بڻجي چڪا آهن، واشنگٽن ۾ ڪنهن کي پنهنجو پيغام پهچايون ته جنگ ڇيڙڻ جو انجام تباهه ڪندڙ هوندو

بقايا *** 34

کي دلي مبارڪون ڏيندي چيو آهي ته هندو برادري جو ورثو سنڌ جي سڃاڻپ ۽ پاڪستان جي قومي زندگيءَ جو اڻٽٽ حصو آهي. هن اها ڳالهه ديوالي جي موقعي تي پنهنجي پيغام ۾ چئي جيڪا 8 نومبر تي ملهائي پئي وڃي. خاتون اول چيو ته سنڌ جهنجي پنهنجي ورثي جو حصو آهي. نسل در نسل اسان جي هندو ڀائرن ۽ ڀينرن سنڌ جي ثقافت کي ترتيب ڏيڻ، ان جي برادرين کي برقرار رکڻ ۽ ان جي گڏيل روايتن کي مضبوط ڪرڻ ۾ مدد ڪئي آهي. سندن ورثو سنڌ جي سڃاڻپ ۽ پاڪستان جي قومي زندگيءَ جو هڪ اڻٽٽ حصو آهي. هن چيو ته ديوالي انڌيري مٿان روشني ۽ نااميدي مٿان اميد جي فتح جو ڏڻ آهي. سندس پيغام شاهه عبداللطيف ڀٽائيءَ ۽ سچل سرمست جي سرزمين جو هڪ فطري رهائش آهي جنهن جي شاعري محبت، انساني وقار ۽ مذهبي اختلافن کان مٿانهون ٿي ڪري انساني رشتن جو درس ڏئي ٿي. بي بي آصفه ڀٽو زرداري چيو ته قائداعظم محمد علي جناح هڪ اهڙي پاڪستان جو تصور ڏنو جتي هر شهري کي پنهنجي مذهب جي آزادي ۽ عزت سان زندگي گذارڻ جو حق حاصل هجي. ان نظريي تي عمل ڪرڻ جي ضرورت آهي

بقايا *** 35

ي ڌيءَ سان ڇهن مهينن تائين مبينا زيادتي جا الزام انتهائي سنگين، شرمناڪ ۽ انسانيت کي لوڏي ڇڏيندڙ آهن. هي واقعو سڄي معاشري لاءِ سوچڻ جو مقام آهيسردار عبدالرحيم چيو ته سوشل ميڊيا تي سامهون آيل وڊيو ۽ معصوم نياڻي پاران لڳايل الزامن جو فوري نوٽيس وٺندي واقعي جي غيرجانبدار ۽ شفاف جاچ ڪرائي وڃي. پوليس جوابدار جي گرفتاري لاءِ ترت قدم کڻي ۽ ڪنهن به قسم جي دٻاءُ يا اثر رسوخ کي جاچ جي راهه ۾ رنڊڪ بڻجڻ نه ڏنو وڃي ته جيڪڏهن جاچ دوران الزام ثابت ٿين ٿا ته جوابدار کي قانون موجب سخت کان سخت سزا ڏني وڃي. اهڙن سنگين ڏوهن ۾ ملوث عنصر ڪنهن به رعايت جا حقدار ناهن. معصوم ٻارن جي عزت، جان ۽ تحفظ رياست جي بنيادي ذميواري آهيسردار عبدالرحيم سنڌ حڪومت ۽ لاڳاپيل ادارن کان مطالبو ڪيو ته متاثر نياڻي کي فوري طور مڪمل قانوني، طبي ۽ حفاظتي سهولتون فراهم ڪيون وڃن ۽ مستقبل ۾ اهڙن واقعن جي روڪٿام لاءِ اثرائتا قدم کنيا وڃن. هن وڌيڪ چيو ته ٻارن جي تحفظ بابت ڪنهن به قسم جي غفلت ڪنهن به صورت ۾ برداشت نه ڪئي ويندي.

بقايا عوامي سوچ 01

يوب آٽوميشن، فري لانسنگ ۽ ويب سائيٽ ڊولپمينٽ تي هڪ روزه ڊيمو ڪلاس ۽ آگاهي سيمينار منعقد ڪيو ويو، جنهن جو مقصد شاگردن کي ڊجيٽل موقعن، آن لائن ڪمائي جي پليٽ فارمن ۽ پروفيشنل ٽيڪنالاجي اسڪلز سان متعارف ڪرائڻ هو. سيشن ۾ مختلف تعليمي پس منظر سان تعلق رکندڙ شاگردن، جن ۾ هاءِ اسڪولن، ڪاليجن ۽ يونيورسٽين جا شاگرد شامل هئا، جوش ۽ جذبي سان شرڪت ڪئي. تعلقي جوهي جي مختلف ڀهراڙي وارن علائقن مان آيل شاگردن پڻ شرڪت ڪري ڊجيٽل تعليم، ٽيڪنالاجي ۽ آن لائن روزگار جي موقعن ۾ پنهنجي وڌندڙ دلچسپي جو اظهار ڪيو. سيشن دوران عبدالجبار، ماڊريٽر ۽ ڊجيٽل اسڪلز ٽرينر چونڊيل موضوعن تي تفصيلي ڄاڻ ڏني. هن يوٽيوب آٽوميشن جي تصور، فري لانسنگ پليٽ فارمن جهڙوڪ فائيور ۽ اپ ورڪ تي موجود موقعن، ۽ ويب سائيٽ ڊولپمينٽ سکڻ جي بنيادي روڊ ميپ بابت ٻڌايو. هن شرڪت ڪندڙن کي ڊجيٽل معيشت ۾ پنهنجي جاءِ ٺاهڻ لاءِ گهربل اسڪلز، عملي ڄاڻ ۽ پروفيشنل عزم بابت پڻ رهنمائي ڪئي. شاگردن بحث ۾ سرگرم حصو ورتو ۽ ڪورس جي جوڙجڪ، سکڻ جا موقعا، آن لائن ڪمائي، فري لانسنگ پليٽ فارمن ۽ مستقبل جي ڪيريئر بابت سوال پڇيا. سنڌن مثبت موٽ ۽ ساراهه مان ظاهر ٿيو ته خاص طور تي ڀهراڙي وارن علائقن جي نوجوانن لاءِ پهچ ۾ ايندڙ ڊجيٽل اسڪلز تعليم ڪيتري اهم آهي. ان موقعي تي ڳالهائيندي "آئي ايس اين ڊجيٽل اسڪلز انسٽيٽيوٽ" جوهي جي سي اي او علي پرويز* شرڪت ڪندڙن کي ڀليڪار چيو ۽ شاگردن، ميڊيا نمائندن ۽ سول سوسائٽي جي ميمبرن جي سهڪار کي ساراهيو. هن انسٽيٽيوٽ جي وسيع مشن، ڊجيٽل خواندگي، نوجوانن کي بااختيار بڻائڻ ۽ تعلقي جوهي ۾ پروفيشنل اسڪلز جي ترقي تي روشني وڌي. هن چيو ته آئي ايس اين جو ويزن "ڊجيٽل جوهي" کي حقيقت بڻائڻ آهي، ته جيئن هر نوجوان کي، چاهي هو ڪٿي به رهي ٿو يا سندس مالي حيثيت ڪهڙي به آهي، ڊجيٽل اسڪلز سکڻ ۽ روزگار ۽ ڪاروبار جا نوان رستا ڳولڻ جو موقعو ملي. "اسان جو مشن تعلقي جوهي ۾ هڪ ڊجيٽل طور بااختيار نسل پيدا ڪرڻ آهي. اسان چاهيون ٿا ته هر شاگرد، جنهن ۾ ڏورانهن ۽ ڀهراڙي وارن علائقن جا شاگرد به شامل آهن، کي پروفيشنل ڊجيٽل تعليم ۽ جديد دنيا ۾ مقابلو ڪرڻ لاءِ گهربل اسڪلز تائين پهچ ملي." هن زور ڏئي چيو. سيمينار ۾ مقامي ميڊيا جا نمايان نمائندا روشن جان ميمڻ، اسلم راز ۽ احمد روڊناڻي* پڻ شرڪت ڪئي، جن هن قدم ۽ ڊجيٽل تعليم ۽ نوجوانن جي ترقي بابت آگاهي پيدا ڪرڻ ۾ ان جي ڪردار کي ساراهيو. تقريب جو اختتام انٽرايڪٽو بحث، شرڪت ڪندڙ شاگردن جي ساراهه ۽ تعلقي جوهي ۾ ڊجيٽل سکڻ جا موقعا وڌائڻ جي نئين عزم سان ٿيو اهڙن قدمن ذريعي، آئي ايس اين ڊجيٽل اسڪلز انسٽيٽيوٽ جوهي ڊجيٽل اسڪلز جي ڪوٽ کي ختم ڪرڻ، نوجوانن کي آن لائن ڪمائي جا موقعا ڳولڻ لاءِ حوصلا افزائي ڪرڻ ۽ هڪ ماهر، پراعتماد ۽ ڊجيٽل طور بااختيار ڪميونٽي ٺاهڻ ۾ پنهنجو ڪردار ادا ڪرڻ چاهي ٿو. آئي ايس اين ڊجيٽل اسڪلز انسٽيٽيوٽ جوهي اڄ سکو، سڀاڻي اسڪل، هميشه ڪمايواسان جو ويزن: ڊجيٽل جوهي ڊجيٽل اسڪلز ذريعي نوجوانن کي بااختيار بڻائڻ

بقايا عوامي سوچ 02

ندن دادو جي واپاري عنايت الله لاشاري کان 6 لک رپيا روڪ رقم ۽ موبائل فون ڦرڪري فرار ٿي ويا آهن، 4 نامعلوم هٿياربندن واپاري کي يرغمال بڻائي ڦر جو واردات ڪئي. جوهي تعلقي ۾ امن امان جي صورتحال انتهائي خراب ٿي وئي آهي. هڪ پاسي قتل ۽ غارتگري جا واقعا وڌي رهيا آهن ته ٻئي پاسي ڏينهن ڏٺي جو سرعام هٿياربند ڦورو عوام کي ڦري لٽي رهيا آهن مگر پوليس انتظاميا نالي ڪا شي نظر نه ٿي اچي واپاري ايس ايس پي دادو کان مطالبو ڪيو آهي ته ڦر ٿيل رقم ۽ سامان واپس ڪرائي امن امان کي يقيني بڻايو وڃي. نوٽ: ڦرجي ويل واپاري عنايت الله لاشاري صحافين کي تفصيل ٻڌائيندي.

بقايا عوامي سوچ 03

رادري پاران پنهنجو مذهبي تهوار ڏياري نهايت ئي جوش، جذبي ۽ عقيدت سان ملهايو پيو وڃي. ڏياريءَ جي موقعي تي هندو برادريءَ جي گهرن ۽ مندرن ۾ ڏيئا ٻاري خوشيون ملهايون پيون وڃن. جڏهن ته هڪ ٻئي کي مبارڪون ڏيڻ جو سلسلو پڻ جاري آهي. هوڏانهن پاڪستان ۾ رهندڙ هندو برادريءَ سان مذهبي رواداري ۽ ڀائيچاري جو اظهار ڪندي مسلمانن پاران به سوشل ميڊيا تي مبارڪباد جا پيغام ۽ پوسٽون شيئر ڪيون پيون وڃن. جن ۾ هندو ڀائرن ۽ ڀينرن کي ڏياريءَ جون واڌايون ۽ نيڪ تمنائون پيش ڪندي سندن لاءِ امن، محبت، خوشحالي ۽ سلامتي جون دعائون ڪيون پيون وڃن. ان سلسلي ۾ ڀهراڙي توڙي شهر جي شهرين ۽ سماجي اڳواڻن چيو آهي ته ڏياري محبت، امن، ڀائيچاري، برداشت ۽ انسانيت جو پيغام ڏيندڙ تهوار آهي. سنڌ جي صوفي بزرگن شاهه عبداللطيف ڀٽائي ۽ سچل سرمست جي فڪر ۾ پڻ انسانيت، محبت، برابري ۽ اتحاد جو درس ملي ٿو. شهرين وڌيڪ چيو ته هندو برادريءَ جو سنڌ جي تاريخ، ثقافت، معيشت، تعليم، واپار ۽ سماجي ترقيءَ ۾ اهم ڪردار رهيو آهي. سندن خوشيون اسان جون خوشيون آهن. معاشري ۾ هر مذهب سان تعلق رکندڙ ماڻهوءَ کي برابر عزت، تحفظ ۽ حق ملڻ گهرجن. هنن دعا ڪئي ته ڏياريءَ جا روشن ڏيئا هر گهر ۾ خوشيون، امن، محبت ۽ خوشحالي آڻين ۽ سمورا شهري گڏجي نفرتن جي خاتمي، محبت ۽ ڀائيچاري کي هٿي ڏين.

بقايا عوامي سوچ 04

. ان سلسلي ۾ چيئرمين ڊسٽرڪٽ ڪونسل سکر سيد ڪميل حيدر شاهه ۽ ڪمشنر سکر ڊويزن عابد سليم قريشي اسپتال جو دورو ڪيو ۽ جديد ايمرجنسي وارڊ، آپريشن ٿيٽر ۽ ٻين تعميراتي ۽ مرمتي ڪمن جو تفصيلي جائزو ورتو. دوري دوران لاڳاپيل آفيسرن کين منصوبي جي مختلف مرحلن، تعميراتي اڳڀرائي ۽ اسپتال ۾ فراهم ڪيل نئين طبي سهولتن جي حوالي سان بريفنگ ڏني. چيئرمين ڊسٽرڪٽ ڪائونسل ۽ ڪمشنر سکر ڊويزن تعميراتي ڪم جو معائنو ڪندي ٺيڪيدار ۽ لاڳاپيل عملي کي هدايتون جاري ڪيون ته منصوبي کي معيار موجب تيزي سان مڪمل ڪيو وڃي ۽ ايندڙ ٽن مهينن اندر سمورا تعميراتي ۽ مرمتي ڪم مڪمل ڪرڻ کي يقيني بڻايو وڃي، ته جيئن عوام کي جلد کان جلد جديد طبي سهولتون فراهم ڪري سگهجن.

بقايا عوامي سوچ 05

امياب ٿي ويا. اسسٽنٽ ڪنزرويٽر وائلڊ لائيف موجب گاڏي جي رجسٽريشن نمبر ذريعي مالڪ ۽ ٻن نامزد جوابدارن جي سڃاڻپ ڪئي وئي آهي، جيڪي اڳ به وائلڊ لائيف ايڪٽ تحت داخل ڪيسن ۾ ملوث رهيا آهن. اسسٽنٽ ڪنزرويٽر جو چوڻ آهي ته جوابدارن خلاف ڪيس داخل ڪيو ويندو، ڏوهه ثابت ٿيڻ جي صورت ۾ هر هرڻ جي حساب سان 20 لک رپيا ڏنڊ ۽ 3 کان 5 سال قيد جي سزا ٿي سگهي ٿي. ياد رهي ته ٿرپارڪر جا مقامي ماڻهو هميشه رات جو اوجاڳا ڏسي پنهنجيون گاڏيون ڊوڙائي، شڪارين سان مهاڏو اٽڪائي هر وقت شڪارين جي اک جو ڪنڊو بڻيا آهن. پر ٿرپارڪر جا چونڊيل نمائندا الائي ڇو چپ جو روزو نٿا ٽوڙين.

بقايا عوامي سوچ 06

ت جي اليڪشن ۽ الحق فائونڊيشن جو يونٽ قائم ڪرڻ سميت مختلف معاملن تي خيالن جي ڏي وٺ ڪئي وئي.ملاقات ۾ فيصلو ڪيو ويو ته محراب پور ۾ ملڪ فلاحي جماعت جا اليڪشن ڪرايا ويندا، جنهن لاءِ اليڪشن ڪمشنر ۽ معاونين جا نالا تجويز ڪيا ويا آهن. جڏهن ته اليڪشن جو شيڊول جلد جاري ڪيو ويندو. جماعت جي عهدن لاءِ خواهشمند ماڻهن کي رضاڪارانه طور فارم ڀرڻ جي اپيل پڻ ڪئي وئي.ان موقعي تي محراب پور ۾ الحق فائونڊيشن جو يونٽ قائم ڪرڻ تي پڻ اتفاق ڪيو ويو، جنهن جو مقصد رنگ، نسل ۽ برادري جي فرق کانسواءِ انسانيت جي خدمت ڪرڻ هوندو. فائونڊيشن جي يونٽ ۾ مختلف برادرين سان تعلق رکندڙ ماڻهن کي عهدا ڏنا ويندا. جڏهن ته يونٽ جي عهديدارن جي مدت ڇهه مهينا مقرر ڪرڻ ۽ بعد ۾ اليڪشن ڪرائڻ تي پڻ اتفاق ڪيو ويو.محراب پور جي معزز شخصيتن کي اپيل ڪئي وئي ته اهي الحق فائونڊيشن ۾ رضاڪارانه طور عهديدار ۽ ميمبر بڻجي انسانيت جي خدمت ۾ پنهنجو ڪردار ادا ڪن.ملاقات دوران ملڪ فلاحي جماعت ۽ ملڪ برادري جماعت جي عهديدارن مختلف تنظيمي مسئلن ۽ معاملن جي نشاندهي پڻ ڪئي. شرڪت ڪندڙن محراب پور ۾ الحق فائونڊيشن جو يونٽ قائم ڪرڻ کي اعزاز قرار ڏيندي چيو ته هن پليٽ فارم ذريعي هر برادري سان تعلق رکندڙ ماڻهو بنا ڪنهن فرق جي انسانيت جي خدمت ڪري سگهندا.محراب پور مان ملاقات لاءِ آيل وفد ۾ ملڪ مشتاق احمد، جاويد اقبال ملڪ، ملڪ عبدالشڪور ۽ ملڪ يامين شامل هئا.

بقايا عوامي سوچ 07

۾ آن نيوز جي بيورو چيف جنيد احمد پيرزادي کي ميمبرشپ ملڻ تي مبارڪن ۽ نيڪ تمنائن جو سلسلو جاري آهي. ان موقعي تي منصور احمد ميمڻ ، مسرور ميمڻ ، پيريار علي شاهه، اعجاز دائود پوٽو، سيد شجر علي شاهه ، ۽ ٻين دوستن پاران ڪيس سنڌ جي ثقافتي سوکڙي اجرڪ ، گلاب جي گلن جا هار ۽ لونگيون اوڍائي ڀرپور آجيان ڪئي وئي. ان موقعي تي موجود صحافين ۽ دوستن جنيد احمد پيرزادي کي ايوانِ صحافت پريس ڪلب ٺٽو جي ميمبرشپ ملڻ تي دلي مبارڪباد پيش ڪندي نيڪ خواهشن جو اظهار ڪيو ۽ اميد ظاهر ڪئي ته هو صحافتي ذميواريون ايمانداري، غيرجانبداري ۽ پيشه ورانه اصولن تحت نڀائيندي عوامي مسئلن کي اجاگر ڪرڻ ۽ مظلوم ماڻهن جو آواز اعليٰ ايوانن تائين پهچائڻ ۾ پنهنجو ڀرپور ڪردار ادا ڪندو.سنڌ جي ثقافتي روايت موجب اجرڪ ۽ لونگين جا تحفا پيش ڪرڻ واري عمل کي محبت، عزت ۽ ڀائيچاري جي علامت قرار ڏنو ويو.

بقايا عوامي سوچ 08

ستان ۾ 6 ڪروڙ کان وڌيڪ غريب ماڻهو بينظير انڪم سپورٽ پروگرام مان فائدو حاصل ڪري رهيا آهن هن چيو ته حڪومت طرفان هي خيرات نه بلڪي غريب ماڻهن جي مالي مدد ڪئي پئي وڃي ته جيئن هو پنهنجي مالي مشڪلاتن کي گهٽائي سگهن چيئرپرسن بينظير انڪم سپورٽ پروگرام سينيٽر روبينا خالد هڪ ڏينهن جي دوري تي بدين پهچي ڊي سي آفيس ۾ ميڊيا سان وڌيڪ ڳالهائيندي چيو ته محترمه شهيد بينظير ڀٽو جي ويزن تي عمل ڪندي بينظير انڪم سپورٽ پروگرام انتهائي شفاف طريقي سان هلي رهيو آهي جنهن جي حڪومتي سطح تي نگراني ڪئي وڃي ٿي هن چيو ته آئون ڪنهن به سياسي يا ٻي پارٽي جو ذڪر نه ڪنديس جيڪي چندو وٺن ٿا پر انهن جو ڪوبه آڊٽ يا طريقيڪار نه آهي هن چيو ته قومي سڃاڻپ ڪارڊ شهيد ذوالفقار علي ڀٽو جو پاڪستاني عوام لاءِ تحفو آهي هن چيو ته ڪي پي ڪي ۾ عورتن جا ڪارڊ نه ٺهندا هئا جڏهن ته بينظير انڪم سپورٽ پروگرام جي ڪري وڏي پيماني تي عورتون پنهنجا ڪارڊ ٺهرائي هن پروگرام ۾ شامل ٿي رهيون آهن چيئرپرسن چيو ته اسان جي ڪوشش آهي ته عورتن کي هنر پروگرام سيکاريو وڃي ته جيئن هو هنر سکي ملڪ جي خدمت ڪري سگهن هن چيو ته هڪ ڪروڙ 20 لک ٻارڙا ڪفايت پروگرام مان فائدو حاصل ڪري رهيا آهن 22 لک عورتون نشونما پروگرام مان فائدو حاصل ڪري رهيون آهن هن چيو ته حڪومت جي ڪوشش آهي بينظير انڪم سپورٽ پروگرام شفاف طريقي سان هلائي غريب عوام جي خدمت ڪئي وڃي ۽ اسان جي ڪوشش آهي ته هن ملڪ جي غريب عورتون هن پروگرام مان ڀرپور فائدو حاصل ڪري سگهن ان موقعي تي ايم پي اي حاجي تاج محمد ملاح، ايم پي اي مير الله بخش تالپر، ايم پي اي ارباب امان [illegible] ڊپٽي ڪمشنرن ڪاشف رضا منگي، ڊسٽرڪٽ انفارميشن آفيسر سرفراز سمون، بي آئي ايس پي آفيسر عبدالقدير مهيسر ۽ ٻيا سياسي سماجي اڳواڻ ۽ لاڳاپيل آفيسر پڻ موجود هئا

بقايا عوامي سوچ 09

واسي عورت دل جو دورو پوڻ سبب فوت جنگشاهي پرسان هاليجي ڊنڊ تي گهمڻ لاءِ آيل ڪراچي واسي فيملي سان افسوسناڪ واقعو پيش آيو، جتي وائلڊ لائيف سينچري ۾ واڳو ڏسندي هڪ عورت کي اوچتو دل جو دورو پيو، جنهن سبب هوءَ فوت ٿي وئي. تفصيل موجب ڪراچي جي علائقي لانڍي، 36 بي، گهر نمبر 25، گلي نمبر 10 جو رهواسي حسين ميان ولد محمد ابراهيم يوسفزئي پنهنجي گهرڀاتين ۽ مائٽن سان گڏ اڄ ڏينهن هاليجي ڊنڊ گهمڻ آيو هو. ان دوران وائلڊ لائيف سينچري ۾ واڳو ڏسندي سندس فيملي جي هڪ عورت کي اوچتو دل جو دورو پيو، جنهن سبب هوءَ فوت ٿي وئي. واقعي جو اطلاع هاليجي ڊنڊ انتظاميا پاران جنگشاهي پوليس کي ڏنو ويو، جنهن تي جنگشاهي پوليس چوڪي جو انچارج اسماعيل جوکيو پوليس موبائل سميت واقعي واري هنڌ پهتو ۽ فوتي عورت جو لاش مڪلي سول اسپتال منتقل ڪيو. جتي ضروري قانوني ڪارروائي ۽ پوسٽ مارٽم بعد لاش وارثن حوالي ڪيو ويو.

بقايا عوامي سوچ 10

و تعلقه صدر سمير تاراڻي آدم هنگورجو برڪت هنگورجو ڊاڪٽر ساجن منيش رتناڻي منيش ڏناڻي سچن واسو ساڻ موجود هئا

بقايا عوامي سوچ 11

طفيٰ صلعم جو پروگرام منعقد ڪيو ويو، جنهن کي جنگشاهي لڳ قديمي درگاهه حضرت امير شاهه جيلاني رح جي خدمتگار جامع مسجد جي خطيب حافظ صدام حسين جوکيو پاران واعظ شريف ڪري هڪ الله ۽ ان جي آخري رسول حضرت محمد مصطفيٰ صلعم جي ڏسيل وات تي هلڻ جي تلقين ڪئي. جنهن ۾ شهرين وڏي انگ ۾ شرڪت ڪئي. ان موقعي تي حافظ صدام حسين جوکيو وڌيڪ چيو ته ملڪ ۾ وڌندڙ مهانگائي توڙي بيروزگاري عوام جو جيئڻ جنجال بنائي ڇڏيو اهي، عام واهپي جا اگهه آسمان سان ڳالهيون پيا ڪن، جنهن ڪري غريب طبقو عام واهپي جون شيون به خريدڻ کان قاصر بڻيل آهي، هن گهر ڪئي ته مهانگائي تي ڪنٽرول ڪري عوام کي رليف مهيا ڪيو وڃي، جيئن عوام 2 ويلا ماني ڳيو حاصل ڪري پيٽ جي بک وسائي سگهي.

بقايا عوامي سوچ 12

ياض وڳڻ چيو ته تعلقي گهوڙاٻاري، يوسي محل جي ڳوٺ الهبخش لاشاري ۾ هڪ ئي وقت 9 جانورن کي چتي ڪتي ڏاڙهي زخمي ڪري ڇڏيو، جنهن جو اطلاع ملڻ شرط اسان پنهنجي ٽيم سميت مذڪور ڳوٺ ۾ پهچي پنهنجي نگراني ۾ ويڪسين ۽ علاج ڪيو ويو اهي، جيئن جانور وڏي نقصان کان بچي سگهن. ڊاڪٽر فياض وڳڻ چيو ته مالوند ماڻهن کي گهرجي ته هو پنهنجي پاليل ڪتن کي پڻ چوپائي مال وانگر اڳواٽ چتي ٿيڻ کان بچاءُ جي ويڪسين ڪرائي ڇڏين ته ڪتا پڻ چتا ٿيڻ کان بچي ويندا ۽ مالوند ماڻهن به پنهنجي چوپائي مال کي انهن جي امڪاني حملن ۽ نقصان کان پڻ بچائي سگهندا. ڊاڪٽر فياض وڳڻ چيو ته هاڻي سردي جي موسم اچي پئي رات جو سردي ۽ ڏينهن جو گرمي سبب ڪتا چتا ٿين ٿا. ان ڪري سمورن ڳوٺ وارن توڙي ڀاڳيئين کي گهرجي ته هو پنهنجي پالتو ڪتن کي به ويڪسين ڪرائي ڪتن کي مال جي وٿاڻ کان پري رکي ڇڏين، هن چيو ته ضلعي ٺٽي ۾ چوپائي مال کي مختلف وچڙندڙ بيمارين کان بچاءُ خاطر ويڪسين مهم جاري آهي. ڀاڳيئين کي گهرجي ته هو پنهنجي چوپائي مال کي اڳواٽ مختلف وچڙندڙ بيمارين کان بچاءُ جي ويڪسين ۽ ٽڪا لڳرائي چوپائي مال کي مختلف بيمارين کان محفوظ بڻائين، هن ڀاڳيئين سميت پالتو ڪتا پاليندڙن کي صلاح ڏني ته هو پنهنجي جانورن توڙي پالتو ڪتن کي اڳواٽ ويڪسين ڪرائي ڇڏين جيئن مالوند ماڻهن امڪاني نقصان کان بچي سگهن. ان موقعي تي موجود مقامي ڳوٺاڻن صوبائي وزير حاجي علي حسن زرداري، صوبائي وزير رئيس محمد علي خان ملڪاڻي، ڊي سي ٺٽو سرمد ڀاڳٽ، ضلعي ڪائونسل ٺٽي جي چيئرمين عبدالحميد پنهور ۽ جانورن جي پالن کاتي ٺٽي جي ڊپٽي ڊائريڪٽر ڊاڪٽر فياض وڳڻ جو ٿورو مڃيو، جن جي خاص هدايتن تي جانورن جي پالنا کاتي ٺٽي جي ٽيم ڊاڪٽر فياض وڳڻ جي قيادت ۾ متاثر ڳوٺ الهبخش لاشاري ۾ پهچي چتي جي ڏاڙهيل 9 جانورن جي ويڪسين سميت علاج ڪري ڀاڳيئين کي وڏي نقصان کان بچائي ورتو آهي.

بقايا عوامي سوچ 13

ل ۾ فائر برگيڊ وقت سر نه پهچي سگهي، جنهن سبب باهه تي ضابطو آڻڻ ۾ ڏکيائي پيش آئي. اسان وس وارن اختيارين ۽ انتظاميا کان مطالبو ٿا ڪريون ته متاثر خاندانن جي فوري مدد ڪئي وڃي، نقصان جو ازالو ڪيو وڃي ۽ علائقي ۾ فائر برگيڊ جي سهولت فراهم ڪئي وڃي. آخر غريب مسڪين ماڻهن جو ڪير سهارو بڻجندو اسان دلي همدردي ۽ سات جو اظهار ڪريون ٿا

بقايا عوامي سوچ 14

ي آبادڪاري تيزي سان وڌڻ لڳي جهرڪ ٻيلو ويران جي چوڪي نمبر 5 واري علائقي ۾ ٻيلن ٻيرن جي وڻن جي واڍي جو سلسلو مبينا طور تي جاري آهي، جڏهن ته ٻيلي جي مختلف حصن ۾ ڌارين ماڻهن جي آبادڪاري پڻ تيزي سان وڌي رهي آهي، جنهن سبب ٻيلي جي قدرتي ماحول ۽ سرڪاري زمينن جي تحفظ بابت ڳڻتي وڌي وئي آهي. مقامي ذريعن موجب جهرڪ ٻيلو ويران ۾ قيمتي وڻن جي بي رحمانه واڍي سبب قدرتي ماحول کي سخت نقصان پهچي رهيو آهي. جڏهن ته فاريسٽ کاتي جي عملي جي مبينا ملي ڀڳت سان وڻن جي واڍي ۽ ٻيلي جي زمينن تي آبادڪاري جا الزام پڻ سامهون اچي رهيا آهن. ڪينجهر ڪنزرويشن نيٽ ورڪ جي صدر انيس [illegible] آهي ته جهرڪ ٻيلو ويران جي چوڪي نمبر 5 سميت سڄي ٻيلي ۾ جاري وڻن جي واڍي ۽ مبينا غيرقانوني آبادڪاري جو فوري نوٽيس ورتو وڃي. فاريسٽ عملي جي مبينا ملوث هجڻ بابت شفاف جاچ ڪرائي وڃي ۽ ٻيلي جي تحفظ لاءِ هنگامي بنيادن تي قدم کنيا وڃن.هنن چيو ته ٻيلا قدرتي ماحول، جهنگلي جيوت ۽ ماحولياتي توازن لاءِ انتهائي اهم آهن، جيڪڏهن وقت سر ڪارروائي نه ڪئي وئي ته وڻن جي تباهي ۽ ٻيلي جي زمينن تي قبضي جو سلسلو وڌيڪ وڌي سگهي ٿو.

بقايا عوامي سوچ 15

جي ٻارهين ورسيءَ جي موقعي تي سنڌ ڪلچرل فورم ضلعي سجاول پاران دڙي شهر ۾ فقير عبدالغفور الستيءَ جي آخري آرامگاهه تي سڌي ٻوليءَ جي مشهور ناول نگار ۽ ڪهاڻيڪار سائين علي محمد پرويز ميمڻ،سنڌ ڪلچرل فورم جي باني چيئرمين چيئرمين صادق لاکو،عبدالقادر ميمڻ،جسقم اڳواڻ انور ملاح،ڪامريڊ عزيز سومرو، نظير دايو،شيرازي گروپ جي ساٿين سيد ممتاز علي شاهه،محمد الياس سومرو،ذوالفقار علي سومرو، فراز سومرو ۽ ٻين ساجاهه وندن سان گڏجي گلن جي چادر چاڙهي ڪيس لفظن ۽ گلابن سان عظمت ڀري ڀيٽا پيش ڪئي.ان موقعي تي ڳالهائيندي سنڌ ڪلچرل فورم جي باني چيئرمين صادق لاکو چيو ته فقير عبدالغفور الستي سنڌ جو تمام وڏو اديب،شاهه عبداللطيف ڀٽائيءَ جي چونڊ شاعريءَ جو انگريزي ٻوليءَ ۾ ترجمو ڪري ڀٽائيءَ جي فڪر جي روشنيءَ ۾ نياڻين کي تعليم ڏيارڻ لاءِ ڪامياب ڪوشش ڪندڙ تمام وڏو عالم هيو پر افسوس جو سنڌ جي ثقافت کاتي توڙي تعليم جي نالي ۾ جاکوڙيندڙ توڙي ٻين ادارن هن فقير کي ياد ڪرڻ لاءِ تيار ناهن،نه وري ڪو هن جو ڪيل ادبي پورهيو شايع ڪرڻ لاءِ ڪا وک وڌائن ٿا جيڪا تمام وڏي ناانصافي ۽ قومي بي حسي آهي جنهن تي تمام گهڻو افسوس ۽ ڏک آهي،مشهور ناول نگار سائين علي محمد پرويز ميمڻ چيو ته فقير عبدالغفور الستي سڄي حياتي سنڌ جي نياڻين کي تعليم ڏيارڻ، توڙي لطيف جي فڪر جي پرچارڪ ڪندي گذاري ڇڏي .نياڻين کي تعليم ڏيارڻ لاءِ ڪامياب ڪوشش ڪيون سندس تعليم جاکوڙ جي نتيجي ۾ ٺٽي ۽ سجاول جي ڏورانهين ۽ پنڌي پيل علائقن جون سوين نياڻيون تعليم جي زيور سان آراسته ٿيون آهن .سنڌ ڪلچرل فورم جا ساٿي جس لهڻن جيڪي هرسال هن ڏاهي انسان کي ياد ڪري ڀيٽا پيش ڪن ٿا.جسقم اڳواڻ انور ملاح چيو ته فقير عبدالغفور الستي لاڙ خطي جو تمام وڏو عظيم ڏاهو هيو جنهن تمام گهڻ رخي انداز ۾ علمي، ادبي، سماجي پورهيو ڪيو سندس ڪردار جي روشنيءَ ۾ نئين سنڌ جي اڏاوت ڪري سگهجي ٿي.ان موقعي تي موجود ساجاهه وندن سنڌ جي ثقافت ۽ تعليم کاتي جي وزيرن کان پرزور مطالبو ڪيو ڪيو ته فقير عبدالغفور الستي جي آخري آرامگاهه کي جوڙائي سندس رهيل قلمي مواد کي شايع ڪرايو وڃي ۽ نياڻين جي تعليم لاءِ لکيل الستيءَ جي دعا کي پرائمري اسڪول جي نصاب ۾ شامل ڪيو وڃي. ۽ ڪراچي پريس ڪلب آڏو پنهنجي مطالبن جي لاءِ احتجاج ڪندڙ پ ٽ الف اڳواڻن جا مطالبا پورا ڪيا وڃن.

بقايا عوامي سوچ 16

ٿين محمد سلطان چانديو پنهنجي شاندار ۽ يادگار تعليمي خدمتن جو سفر پورو ڪري باوقار انداز ۾ سروس مان رٽائرڊ ٿي ويا آهن محترم استاد سائين محمد سلطان چانديو پنهنجي پوري زندگي علم پکيڙڻ، شاگردن جي بهترين تربيت ڪرڻ ۽ سندن مستقبل سنوارڻ ۾ گذاري. هڪ شفيق، مهربان ۽ فرض شناس استاد طور سندس خدمتون تعليمي ميدان لاءِ هميشه ياد رکيون وينديون سندس رٽائرمنٽ جي موقعي تي همڪار استادن ۽ شاگردن پاران سائينءَ مٿان گلڙن جي ورکا ڪري کين شاندار آجياڻو پيش ڪيو ويو ۽ عقيدت سان رخصت ڪيو ويو.ان موقعي تي گڏ ٿيل استادن، شاگردن ۽ علائقي واسين پاران استاد محترم سائين محمد سلطان چانديو لاءِ صحت، خوشين، سڪون ۽ وڏي عمر جون پرخلوص دعائون پڻ گهريون ويون بيشڪ سائين! توهان جون قيمتي خدمتون ۽ يادون هميشه اسان جي دلين ۾ زنده رهنديون.

بقايا عوامي سوچ 17

روزگار جي حصول ۽ بيروزگار نوجوانن جي حقن لاءِ ڊپٽي ڪمشنر ٺٽو جي آفيس آڏو احتجاجي ڪيمپ قائم ڪري ويٺل ملڪ نواز جوکيو ۽ ڪامريڊ مريم ملاح صحافين سان ڳالهائيندي چيو آهي ته اسان پرامن آهيون ۽ پرامن رهنداسين. هنن چيو ته ڊي سي آفيس جا ڪجهه مبينا پرائيويٽ ڏنڊي وارا ماڻهو ايندي ويندي احتجاجي ڪيمپ جو ماحول خراب ڪرڻ ۽ اسان جي پرامن جدوجهد کي سبوتاز ڪرڻ جي ڪوشش ڪري رهيا آهن. هنن وڌيڪ چيو ته اسان جو احتجاج مڪمل طور پرامن ۽ قانوني آهي. اسان صرف پنهنجو جائز حق، روزگار ۽ بيروزگار نوجوانن لاءِ انصاف گهرون ٿا. جيڪڏهن احتجاج دوران اسان کي يا اسان جي ساٿين کي ڪنهن به قسم جو نقصان پهتو ته ان جي ذميواري اهڙن ماڻهن ۽ لاڳاپيل ذميوارن تي هوندي. هنن ڊپٽي ڪمشنر ٺٽو ۽ اعليٰ اختيارين کان مطالبو ڪيو ته احتجاج ڪندڙن کي تحفظ فراهم ڪري پرامن احتجاج جو ماحول برقرار رکيو وڃيس

بقايا عوامي سوچ 18

ريجنل يونين آف جرنلسٽ پاڪستان سکريجن جي صدر عبدالمجيد پنيرو تعلقي گمبٽ جو صدر مريد حسين ٽانوري ريجنل يونين آف جرنلسٽ پاڪستان سکر ڊويزن جي صدر عبدالمجيد پنيرو ۽ ريجنل يونين آف جرنلسٽ پاڪستان تعلقي گمبٽ جو صدر مريد حسين ٽانوري ديوالي ڏياري جي ڏڻ جي موقعي تي پوري سکر ۽ گمبٽ ۾ رهندڙ هندو برادري کي دل جي گهراين سان مبارڪباد پيش ڪندي چيو آهي ته ڏياري خوشين، محبت، امن ۽ روشنيءَ جو ڏڻ آهي. هنن پنهنجي پيغام ۾ چيو ته پوري سنڌ سکر گمبٽ ۾ رهندڙ سمورين مذهبي برادريون ملڪ جي ترقي، خوشحالي ۽ امن لاءِ گڏجي پنهنجو ڪردار ادا ڪن. هندو برادري جون خوشيون [illegible] هڪ پرامن ۽ خوشحال معاشرو قائم ڪري سگهجي ٿو سکر ۽ گمبٽ سميت سڄي هندو برادري جي ماڻهن کي مبارڪ باد ڏيندي هنن وڌيڪ چيو ته اسان کي هڪٻئي جي مذهبي تهوارن ۾ خوشيءَ سان شريڪ ٿي محبت، اتحاد ۽ انسانيت جو پيغام عام ڪرڻ گهرجي

بقايا عوامي سوچ 19

ي پروفيسر عبدالسميع پنيرو، جنرل سيڪريٽري شوڪت آرادين، آفتاب احمد پنيرو ۽ ٻين عوامي ميڊيا پريس ڪلب گمبٽ پهچي هنگامي پريس ڪانفرنس ڪندي چيو آهي ته وفاقي حڪومت سميت سنڌ حڪومت به آبادگارن سان وڌيون زيادتيون پئي ڪري، هن چيو ته اڄا تائين ڪمنڊ جو ريٽ مقرر نه ڪيو ويو آهي. ۽ ڪٽڪ جو ريٽ به 4500 روپيه في مڻ تمام ٿورو آهي. هن چيو ته ڪمنڊ جو ريٽ 7سو روپيه في مڻ مقرر ڪيو وڃي. ۽ 5500 روپيا ڪٽڪ جو ريٽ مقرر ڪيو وڃي. هن چيو ته 17 کان18 هزار روپيا ڊي اي پي ڪلر جي ٻوري آهي ۽ 5کان ساڍا5 هزار يوريا جي ٻوري جڏهن ته ٽريڪٽر جو3 هزار روپيا ڪلاڪ ٿي ويو آهي. عبدالسميع پنيرو چيو ته 60 کان70 هزار في ايڪڙ آبادگار جو خرچ آهي. جيڪو زمين مان حاصل نه پيو ٿي ۽ آبادگار روزانو قرضي ٿيندو پيو وڃي. هن چيو ته اهڙي صورتحال رهي ته آبادگار فصل ڪاهڻ ڇڏي ڏيندا. هن چيو ته صدر پاڪستان پڻ آبادگار آهي. ۽ ان کي آبادگارن جو احساس ڪرڻ کپي . هن چيو ته اسان آبادگار ڪنوينشن ڪوٺائڻ وڃي رهيا آهيون جنهن ۾ لائي عمل جو اعلان ڪنداسين. هن سڄي آبادگار تنظيمن کي اپيل ڪئي ته ڪٽڪ ،ڪمنڊ ۽ سارين جي فصل جو صحيح معاوضو نه پيو ڏنو وڃي تنهن ڪري سڀني آبادگارن کي گڏ ٿيڻو پوندو.

بقايا عوامي سوچ 20

ي مٺي چيلهار چاچرو ڏيپلو ننگرپارڪر سلام ڪوٽ سميت پوري ٿرپارڪر ۾ ب ڀرپور جوش ۽ جذبي سان ملهايو پيو وڃي مٺي ۾ دڪانن، بازارن، مندرن ۽ گهرن کي مختلف روشنين ۽ ڏيئا ٻاري سينگاريو ويو آهي ۽ بازارن ۾ ڦٽاڪن جا اسٽال به لڳايا ويا آهن جتي خريدارن جي رش ڏسڻ وٽان آهي جڏهن ته شام جون مندرن توڙي گهرن ۾ آرتيون ڪري لڪشمي ماتا جون خاص پوڄائون ڪيون پيون وڃن ۽ روزي ۽ برڪتون، ملڪي خوشحالي، امن ۽ سلامتي لاءِ به خاص دعائون گهريون پيون وڃن

بقايا عوامي سوچ 21

زز شخصيتن سندس آفيس ۾ ملاقات ڪئي، جنهن دوران تنظيمي معاملن، جماعت جي اليڪشن ۽ الحق فائونڊيشن جو يونٽ قائم ڪرڻ سميت مختلف معاملن تي خيالن جي ڏي وٺ ڪئي وئي.ملاقات ۾ فيصلو ڪيو ويو ته محراب پور ۾ ملڪ فلاحي جماعت جا اليڪشن ڪرايا ويندا. جنهن لاءِ اليڪشن ڪمشنر ۽ معاونين جا نالا تجويز ڪيا ويا آهن. جڏهن ته اليڪشن جو شيڊول جلد جاري ڪيو ويندو. جماعت جي عهدن لاءِ خواهشمند ماڻهن کي رضاڪارانه طور فارم ڀرڻ جي اپيل پڻ ڪئي وئي.ان موقعي تي محراب پور ۾ الحق فائونڊيشن جو يونٽ قائم ڪرڻ تي پڻ اتفاق ڪيو ويو، جنهن جو مقصد رنگ، نسل ۽ برادري جي فرق کانسواءِ انسانيت جي خدمت ڪرڻ هوندو. فائونڊيشن جي يونٽ ۾ مختلف برادرين سان تعلق رکندڙ ماڻهن کي عهدا ڏنا ويندا. جڏهن ته يونٽ جي عهديدارن جي مدت ڇهه مهينا مقرر ڪرڻ ۽ بعد ۾ اليڪشن ڪرائڻ تي پڻ اتفاق ڪيو ويو.محراب پور جي معزز شخصيتن کي اپيل ڪئي وئي ته اهي الحق فائونڊيشن ۾ رضاڪارانه طور عهديدار ۽ ميمبر بڻجي انسانيت جي خدمت ۾ پنهنجو ڪردار ادا ڪن.ملاقات دوران ملڪ فلاحي جماعت ۽ ملڪ برادري جماعت جي عهديدارن مختلف تنظيمي مسئلن ۽ معاملن جي نشاندهي پڻ ڪئي. شرڪت ڪندڙن محراب پور ۾ الحق فائونڊيشن جو يونٽ قائم ڪرڻ کي اعزاز قرار ڏيندي چيو ته هن پليٽ فارم ذريعي هر برادري سان تعلق رکندڙ ماڻهو بنا ڪنهن فرق جي انسانيت جي خدمت ڪري سگهندا.محراب پور مان ملاقات لاءِ آيل وفد ۾ ملڪ مشتاق احمد. جاويد اقبال ملڪ، ملڪ عبدالشڪور ۽ ملڪ يامين شامل هئا.

بقايا عوامي سوچ 22

رو ڪري سخت نعريبازي ڪئي وئي، ان موقعي تي مظاهرين خالد سولنگي، فاروق سولنگي، شهزاد سولنگي، اظهر سولنگي، عادل جوڻيجو، صابر جوڻيجو ۽ ٻين دانهيندي چيو ته منشيات فروشن خلاف فيس بڪ تي پوسٽون رکڻ تان کين مبينا طور هٿيارن جي زور تي موتمار ڌمڪيون ڏنيون پيون وڃن، هنن الزام هنيو ته هٿياربندن کين ڌمڪي ڏني آهي ته جيڪڏهن ٻيهر منشيات فروشن خلاف پوسٽون رکيون ته ان جا سنگين نتيجا ڀوڳڻا پوندا. احتجاج ڪندڙن چيو ته منشيات جي خاتمي لاءِ آواز اٿارڻ تي کين خوفزده ڪيو پيو وڃي، جنهن سبب سندن جان ۽ مال کي خطرو آهي، هنن ڊي آءِ جي حيدرآباد ۽ ايس ايس پي دادو کان مطالبو ڪيو ته معاملي جو فوري نوٽيس وٺي منشيات فروشن ۽ مبينا طور ڌمڪيون ڏيندڙ جوابدارن خلاف قانوني ڪارروائي ڪئي وڃي ۽ کين تحفظ فراهم ڪيو وڃي

بقايا عوامي سوچ 23

ڳ جاچ ٽيمون جوڙيون ويون آهن، جڏهن ته مک جوابدار جي گرفتاري لاءِ پوليس جون ڪارروايون تيز ڪيون ويون آهن، ايس ايس پي دادو جي آفيس پاران 6 نومبر 2026ع تي جاري ڪيل حڪم نامي موجب، بي سيڪشن ٿاڻي تي داخل ڪيس نمبر 169/2026 جي جاچ لاءِ اينٽي ريپ (انويسٽيگيشن اينڊ ٽرائل) آرڊيننس 2020ع جي سيڪشن 9 تحت ايس ايس پي دادو جي سربراهي ۾ گڏيل جاچ ٽيم (جي آءِ ٽي) قائم ڪئي وئي آهي، جي آءِ ٽي ۾ ڊي ايس پي انويسٽيگيشن دادو کي نگران آفيسر، انسپيڪٽر قادر بخش سولنگي کي جاچ آفيسر، جڏهن ته سب انسپيڪٽر گل محمد لنڊ ۽ ليڊي هيڊ ڪانسٽيبل زينب ڪوسو کي ميمبر مقرر ڪيو ويو آهي، ٽيم کي مقرر مدي اندر جاچ مڪمل ڪري حتمي رپورٽ لاڳاپيل عدالت ۾ پيش ڪرڻ جي هدايت ڪئي وئي آهي ۽ پيش [illegible] ۾ الڳ پوليس ٽيم پڻ جوڙي وئي آهي، جنهن ۾ ايس ايڇ او اي سيڪشن دادو، ايس ايڇ او بي سيڪشن دادو، ايس ايڇ او خدا آباد ۽ ايس آءِ او ٿاڻو جهلو ٿاڻو شامل آهن. هوڏانهن ايس ايس پي دادو پاران بي سيڪشن ٿاڻي تي داخل ڪيس نمبر 170، 171، 172 ۽ 173/2026 جي جاچ پڻ انسپيڪٽر مظهر علي نائچ، ايس ايڇ او بي سيڪشن دادو حوالي ڪئي وئي آهي. ڪيس سمورن ڪيسن جي ميرٽ تي جاچ مڪمل ڪري ضابطه فوجداري جي قلم 173 تحت مقرر مدي اندر حتمي رپورٽ عدالت ۾ جمع ڪرائڻ جي هدايت ڪئي وئي آهي. ياد رهي ته ٻه ڏينهن اڳ دادو شهر ۾ علي نواز رند پاران پنهنجي ئي ڌيءَ آمنا کي مبينا جنسي زيادتي جو نشانو بڻائڻ جو واقعو سامهون آيو هو، جنهن کانپوءِ متاثر نياڻي پوليس وٽ پهچي شڪايت سان گڏ مبينا واقعي جون وڊيوز پڻ ثبوت طور پيش ڪيون هيون. واقعي جو نوٽيس وٺندي پوليس جاچ جو دائرو وڌائي ڇڏيو آهي ۽ جوڙيل ٽيمون جوابدارن جي گرفتاري لاءِ مختلف هنڌن تي ڇاپا هڻي رهيون آهن. تنهن هوندي به مک جوابدار اڃا تائين گرفتار نه ٿي سگهيو آهي.

بقايا عوامي سوچ 24

۾ علم ادب ۽ ادبي شخصيتن سان دلچسپي رکندڙ ضلعي عمرڪوٽ جي استادن شاگردن اديبن ليکڪن ۽ شاعرن شرڪت ڪئي تقريب ۾ آيل مهمانن کي نوجوان ليکڪ ۽ محقق مڪيش بارٽاڻي آجياڻو ڏنو تقريب کي صدارتي خطاب ڪندي ڊاڪٽر عبدالعزيز ڪنير چيو ته زوار نقوي جي شخصيت تي هي پيو ڪتاب آهي حياتي ۾ اعزاز ملڻ وڏي ڳالهه آهي آئون ائين سمجهان ٿو ته اهو هڪ وڏي ۾ وڏو اعزاز آهي زوار نقوي وڏن انتظامي عهدن تي فائز رهيو پر سندس علمي ادبي پورهيو سڀ کان وڌيڪ ڪارائتو ۽ ڪامياب رهيو جو اڄ به سڄي سنڌ ڪيس هڪ اديب ۽ ليکڪ طور سڃاڻي ٿي محفل جي مور صاحب ڪتاب پروفيسر سيد زوار نقوي چيو ته اسان کي پنهنجي تحريرن ذريعي سماج ۾ مثبت لاڙن کي متعارف ڪرائڻ گهرجي هن وڌيڪ چيو ته ليکڪ کي پنهنجو اسلوب متعارف ڪرائڻ گهرجي ادب اهو آهي جيڪو تخليق ڪيو وڃي زور زبردستي سان سوچي ويچاري لکيل ليک ۽ ذهن جي ڪئنواس مان ڪنهن گل جيئن ڦٽي نڪتل لکڻي ۾ زمين آسمان جو فرق آهي تقريب جي مهمان خاص پرنسپال ڊگري ڪاليج عمرڪوٽ پروفيسر عبدالرئوف سومرو خطاب ڪندي چيائين ته پروفيسر سيد زوار نقوي جي جڏهن ايڊيشنل ڊائريڪٽر ڪاليجز ميرپورخاص هئا تڏهن سندس آفيس هر هڪ لاءِ کليل هوندي هئي هي هڪ فقير طبيعت انسان آهي سائين جي طبيعت جو مزاج عاجزي وارو آهي سندس لکڻ جو انداز دردناڪ آهي ڪهاڻيڪار سليم چنا چيو ته زوار نقوي جي شخصيت تي وفا مولابخش اينٿالاجي ترتيب ڏني آهي ضلعي عمرڪوٽ جي سينيئر صحافي الياس ٽري مخاطب ٿيندي چيو ته پروفيسر سيد زوار نقوي سنڌي ادب جو هڪ وڏو نالو آهي جنهن پنهنجن ڪالمن ۽ مضمونن ۾ سنڌ جي تاريخ محفوظ ڪئي آهي حيدرآباد جي ادبي دنيا زوار نقوي جو وڏو حوالو آهي گلشير ڪوريجو چيو ته پروفيسر سيد زوار نقوي اسان جي حيدرآباد جو اهڙو اديب آهي جنهن کي سڄي سنڌ سڃاتي ٿي علي نواز سومرو چيو ته زوار نقوي اهو شخص آهي جنهن 13 سالن جي عمر کان لکڻ شروع ڪيو ۽ مسلسل لکندو رهيو آهي پروفيسر ۽ شاعر گل حسن پلي چيو ته پروفيسر سيد زوار نقوي هڪ گهڻ رخي شخصيت جو مالڪ آهي سندس ڪالمن جا عنوان اهڙا آهن جو اهي پڙهندڙن جو پاڻ ڏي ڌيان ڇڪائين ٿا پروفيسر رام اوڊ چيو ته پروفيسر سيد زوار نقوي سان منهنجي سڃاڻپ ٻارن جي ادب جي حوالي سان ٿي ڪنهن ليکڪ تي اينٿالاجي اچي اهو ليکڪ وڏو خوش نصيب انسان آهي ڪاليج جي شاگرد نهال ڀيل سيد زوار نقوي جو انسائيڪلوپيڊيا سنڌيانا تان ورتل تعارف پڙهيو پروگرام ۾ پروفيسر سيد زوار نقوي جي فن ۽ شخصيت تي سهيڙيل ڪتاب جي مهورت ڪئي وئي تقريب جي ڪاروائي پروفيسر امتياز ڪنير هلائي. جڏهن ته رونمائي تقريب ۾ پروفيسر امير علي خاصخيلي پروفيسر دليپ پرمار پروفيسر پرت ڪمار نوجوان شاعر مرتضيٰ راهمون زيب النسا جنجهي بيرم داس ڀاٽي محمد يوسف ڪنير واسومل کتري چيتن امرچند سي ڪي آزاد وفا سومرو زوار شڪيل چانڊيو شاهنواز ارباب سميت وڏي تعداد ۾ مختلف اسڪولن جي استادن شاگردن ۽ علمي ادبي شخصيتن شرڪت ڪئي

بقايا عوامي سوچ 25

ن ۽ گهرڀاتين سميت احتجاج ڪندي الزام هنيو آهي ته عدالت جي حڪم باوجود پوليس سندس ايف آءِ آر داخل ڪرڻ کان لنوائي رهي آهي. وومين ٿاڻي ٻاهران ميڊيا سان سڌي ڳالهه ٻولهه ڪندي فوزيه پروين چيو ته هوءَ 7 نومبر 2026ع تي ايڊيشنل سيشن جج ميرپورخاص پاران جاري ڪيل عدالتي حڪم کڻي ٿاڻي پهتي آهي، پر لڳ ڀڳ هڪ ڪلاڪ گذرڻ باوجود پوليس عملو حڪم نامو وصول ڪرڻ ۽ ان تي مهر هڻڻ لاءِ تيار ناهي. هن ٻڌايو ته سندس نياڻين کي سندن ساهيڙي عائشه جي ماءُ اسڪوٽي هلائڻ سيکارڻ جي ڪاروبار ۾ ڀائيواري جي آڇ ڪئي هئي، جنهن تحت پگهار ۽ واڌ ڏيڻ جو پڻ چيو ويو هو. سندس چوڻ موجب نياڻين هڪ مهيني تائين ان ڪم ۾ مدد ڪئي، سوشل ميڊيا ذريعي تشهير ڪئي ۽ عورتن توڙي ڇوڪرين کي سکيا لاءِ دعوتون ڏنيون، پر جڏهن ڪم وڌيو ۽ رش ٿيڻ لڳي ته مبينا طور سندس نياڻين کي هراسان ڪرڻ، وڊيوز سوشل ميڊيا تي هلائڻ جون ڌمڪيون ڏيڻ، رئو ڇڪڻ، تشدد ڪرڻ، ڏندن سان چڪ پائڻ ۽ موبائل فون ٽوڙڻ جا واقعا پيش آيا. فوزيه پروين الزام هنيو ته مبينا تشدد ۾ هُما، سندس ڌيءَ عائشه ۽ ڀاڄائي عروج ملوث آهن ۽ واقعو 18 آڪٽوبر 2026ع تي پيش آيو. هن چيو ته 19 آڪٽوبر تي پوليس کي شڪايت ڏني، پر سندس ايف آءِ آر داخل نه ڪئي وئي ۽ نه ئي ميڊيڪل ڪرايو ويو. جڏهن ته ٻئي ڌر پاران سندس خلاف ايف آءِ آر داخل ٿيڻ بعد سندس [illegible] هن عدالت سان رجوع ڪيو. جتي ايڊيشنل سيشن جج ميرپورخاص 7 نومبر تي درخواست منظور ڪندي لاڳاپيل ايس ايڇ او کي سندس بيان رڪارڊ ڪري ايف آءِ آر داخل ڪرڻ جو حڪم ڏنو هن وڌيڪ چيو ته ٿاڻي جي عملي جو چوڻ آهي ته ميڊم جي اجازت کانسواءِ حڪم نامو وصول نه ڪيو ويندو، جڏهن ته ميڊم ٿاڻي تي موجود ناهي ۽ کين صبح اچڻ لاءِ چيو پيو وڃي. فوزيه پروين خدشو ظاهر ڪيو ته پوليس ڄاڻي واڻي معاملي کي ڊگهو ڪري رهي آهي ته جيئن ٻي ڌر کي اسٽي آرڊر حاصل ڪرڻ يا عدالتي حڪم رد ڪرائڻ جو موقعو ملي سگهي. هن ٻڌايو ته ڊي ايس پي ۽ ڊي آءِ جي کي به درخواستون ڏنيون آهن، پر اڃا تائين ڪو جواب نه مليو آهي. ان موقعي تي موجود وڪيلن پڻ الزام هنيو ته عدالتي حڪم باوجود ٿاڻي جو عملو حڪم نامو وصول ڪرڻ کان انڪار ڪري رهيو آهي، جيڪو عدالتي حڪم جي ڀڃڪڙي آهي. هوڏانهن عورت پاران لڳايل الزامن بابت ٻئي ڌر اڳ ۾ ئي عدالت ۾ واقعي جي ترديد ڪري چڪي آهي، جڏهن ته پوليس جو هن احتجاج ۽ ايف آءِ آر داخل نه ڪرڻ بابت ڪو باضابطه موقف سامهون نه اچي سگهيو آهي. پوليس جو موقف ملڻ تي خبر ۾ شامل ڪيو ويندو

بقايا عوامي سوچ 26

باريجو کان موٽر سائيڪل ۽ روڪ رقم ڦر پوليس ڪک پيچي ٻيٺو نه ڪيو ڳوٺاڻن جو اوڏيرولال وايا قيصر سنهڙو روڊ تي احتجاجي مظاهرو پوليس خلاف سخت نعريبازي چورن کي گرفتار ڪرڻ جو مطالبو اوڏيرولال اسٽيشن ٿاڻي جي حد ڳوٺ نوبت مري ۾ ڦٽين جي وڏي واپاري ۽ يوسي محمد حسين هنگورو جي وائيس چيئرمين سيٺ عبدالمجيد خاصخيلي جي پيدي ۽ ڪمپيوٽر ڪانٽي کي ڌاڙو نامعلوم چور لکين رپين جو قيمتي سامان ٻهاري ويا متاثرين جو وڌندڙ چورين جي آزار خلاف اوڏيرولال وايا قيصر سنهڙو روڊ تي احتجاجي مظاهرو احتجاج ڪندي اڳواڻ سيٺ عبدالمجيد خاصخيلي ۽ ٻين چيو ته نامعلوم چور رات دير سان ڪمپيوٽر ڪانٽي جا تالا ٽوڙي هڪ بيٽري پرنٽر سميت ٻيو لکين رپين جو قيمتي سامان چوري ڪري فرار ٿي ويا. آهن نوبت مري ۾ پرياسي هڪ نه ٻئي ڏينهن چورين ڦرون روز جا معمول بڻيل آهن حد جي پوليس ڪک پيچي ٻيٺو نٿو ڪري وڌندڙ چورين سبب اسان جو ڪاروبار تباهه ٿي ويو آهي جنهن جو ايس ايس پي متياري فوري طور نوٽيس وٺي چورن خلاف ڪارروائي ڪري چوري ٿيل سامان واپس ڪرايو وڃي ۽ جوابدارن کي گرفتار ڪيو وڃي

بقايا عوامي سوچ 27

تي سکر ڊويزن جي جنرل سيڪريٽري اي ڊي گهنجو،ضلعي سکر جي جنرل سيڪريٽري خالد حسين بلوچ،تعلقي روهڙي جي صدر ذوالفقار ملاح ۽ ضلعي سکر جي نائب صدر سيف الله بلوچ ڪئي ريلي جي شرڪت ڪندڙن جي هٿن ۾ پاڪ فوج جي حق ۾ بينر ۽ پلي ڪارڊ کنيل هئا جڏهن ته ان موقعي تي پاڪ فوج زنده باد ۽ پاڪستان زنده باد جا نعرا پڻ هنيا ويا ريلي بيڙي چوڪ کان شروع ٿي روهڙي پريس ڪلب پهتي جتي ريلي جي اڳواڻن خالد حسين بلوچ،ذوالفقار ملاح، اي ڊي گهنيو ۽ سيف الله بلوچ خطاب ڪندي ميجر جنرل ساجد اڪبر کي جي او سي پنوعاقل مقرر ٿيڻ تي مبارڪباد پيش ڪئي هنن چيو ته پاڪ فوج پاڪستان جي شان ۽ قومي سلامتي جي ضامن آهي پاڪ فوج جون لازوال قربانيون ڪڏهن به وساري نه ٿيون سگهجن هنن چيو ته پاڪستان پيٽرياٽڪ يوٿ پاڪ فوج سان ڪلهو ڪلهي ۾ ملائي بيٺل آهي ۽ هر ڏکئي وقت ۾ پاڪ فوج جو ساٿ ڏيندي رهندي اڳواڻن وڌيڪ چيو ته ملڪ دشمن عنصرن خلاف پاڪ فوج جي جدوجهد ۽ قربانين کي پوري قوم قدر جي نگاهه سان ڏسي ٿي پاڪ فوج جي جوانن جي لازوال قربانين جي ڪري اڄ اسان آزاد فضا ۾ ساهه کڻي رهيا آهيون اڳواڻن ان عزم جو اظهار ڪيو ته پاڪستان جي سلامتي،استحڪام ۽ دفاع لاءِ پاڪ فوج سان يڪجهتي جو اهو سلسلو جاري رکيو ويندو

بقايا عوامي سوچ 28

رفتار ٽرالر جي ٽڪر ۾ موٽرسائيڪل سوار 60 ورهين جو پيرسن محمد بشير پٽ غلام محمد اعوان زخمي ٿي پيو اطلاع تي حد جي پوليس پهچي زخمي کي ڪٽائي تعلقه اسپتال روهڙي پهچايو جتي هو علاج دوران زخمن جا سور نه سهندي فوت ٿي ويو پوليس موجب ٽرالر ڊرائيور موقعي تان فرار ٿيڻ ۾ ڪامياب ٿي ويو ان سلسلي ۾ شهرين ۽ علائقي واسين لاڳاپيل پوليس،موٽروي پوليس ۽ انتظاميا کان مطالبو ڪيو آهي ته واقعي جو نوٽيس وٺي فرار ٿيل ڊرائيور خلاف قانوني ڪارروائي ڪئي وڃي ۽ نيشنل هاءِ وي تي تيز رفتاريءَ کي روڪڻ لاءِ اثرائتا قدم کنيا وڃن جيئن وڌيڪ انساني جانيون ضايع ٿيڻ کان بچي سگهن

بقايا عوامي سوچ 29

01ڀرتي عمل ۾ ڪامياب ٿيندڙ 105 اميدوارن ۾ اپائنٽمينٽ آرڊر ورهايا ويا، جن ۾ 56 عورتون ۽ 49 مرد اميدوار شامل آهن. ان موقعي تي ايس ايس پي ساجد امير سدوزئي ڪامياب اميدوارن کي مبارڪباد ڏيندي چيو ته پوليس فورس ۾ شموليت هڪ اهم ذميواري آهي. اميد آهي ته نوان ڀرتي ٿيل اهلڪار محنت، ايمانداري ۽ فرض شناسي سان پنهنجا فرض سرانجام ڏيندا ۽ عوام جي جان ۽ مال جي تحفظ سان گڏ قانون جي بالادستي کي يقيني بڻائڻ ۾ پنهنجو ڀرپور ڪردار ادا ڪندا. هن وڌيڪ چيو ته ڀرتي وارو عمل ميرٽ ۽ شفافيت جي اصولن تحت مڪمل ڪيو پيو وڃي.

بقايا عوامي سوچ 30

ڏي وئي. احتجاجي ريلي ۾ سنڌ نيشنل پارٽي جا مرڪزي اڳواڻ ڊاڪٽر مجاهد اعوان، فنڪشنل ليگ پي ايس 97 جا صدر علي بابا پنهور، سياسي سماجي اڳواڻ نور خان برفت، جسقم صدر عباس جتوئي، ايس اين پي ايسٽ صدر نياز بليدي، پي ٽي آئي اڳواڻ غلام نبي برفت، عوامي راج اڳواڻ راهب عباسي، عوامي تحريڪ جان محمد. فنڪشنل ليگ جنرل سيڪريٽري فيروز خان پنهور، ممتاز ٽنيو، ممتاز ملاٽو سميت سياسي سماجي اڳواڻن ۽ سهراب ڳوٺ ٽائون جي عوام، ڪارڪنن ۽ همدردن هزارين جي تعداد ۾ ريلي ۾ شرڪت ڪئي

بقايا عوامي سوچ 31

ي ۾ تنظيمي سرگرمين کي تيز ڪرڻ،جماعت کي هيٺين سطح تائين منظم ۽ مضبوط بڻائڻ ۽ ڪارڪنن کي وڌيڪ متحرڪ ڪرڻ لاءِ تعلقه صدر فقير اسلام الدين ڪنڊڙو جي رهائشگاهه تي شاندار ورڪرز ڪنوينشن ڪوٺايو ويو جنهن ۾ پارٽي جي ڊويزنل،ضلعي،تعلقي ۽ مقامي اڳواڻن، حر جماعت جي معززن ۽ ڪارڪنن وڏي انگ ۾ شرڪت ڪئي ڪنوينشن ۾ تنظيمي معاملن،پارٽي جي مضبوطي،نئين سر تنظيم سازي ۽ مستقبل جي سياسي سرگرمين بابت تفصيلي خيالن جي ڏي وٺ ڪئي وئي. ان موقعي تي پاڪستان مسلم ليگ فنڪشنل سنڌ جي صوبائي صدر سيد صدرالدين شاهه راشدي جي سالگرهه جو ڪيڪ پڻ ڪاٽيو ويو جڏهن ته ملڪ جي سلامتي،اعليٰ حضرت پير صاحب پاڳاري جي صحتيابي ۽ وڏي ڄمار لاءِ خصوصي دعا گهري وئي ڪنوينشن ۾ مسلم ليگ فنڪشنل سکر ڊويزن جي نگراني ڪميٽي جي ميمبرن سيد شفقت علي شاهه،عبدالڪريم شر،ڪامريڊ نثار ابڙو،ضلعي صدر فقير عنايت الله ٻرڙو،حر جماعت جي معزز فقير ڪمال الدين پنهيار،ضلعي جنرل سيڪريٽري مير اعجاز علي ٽالپر،ضلعي ليبر ونگ جي صدر محمد بچل مهر ۽ ايم ايس ايف سنڌ جي صوبائي نائب صدر ارباز علي عباسي سميت ٻين اڳواڻن شرڪت ڪئي ان موقعي تي خطاب ڪندي اڳواڻن چيو ته جماعت کي يونين ڪائونسل ۽ وارڊ سطح تي منظم ڪرڻ وقت جي اهم ضرورت آهي هنن چيو ته عوامي مسئلن جي حل لاءِ جماعت جي ڪردار کي وڌيڪ اثرائتو بڻايو ويندو ۽ ڪارڪنن کي منظم ۽ سرگرم بڻائي تنظيمي توڙي عوامي سرگرمين ۾ واڌارو آندو ويندو ڪنوينشن ۾ ضلعي نائب صدر سيد جيئل شاهه،جوائنٽ سيڪريٽري محمد قاسم ڪنڊڙو،سٽي صالح پٽ جي جنرل سيڪريٽري خان محمد چنو، ايم ايس ايف ضلعي سکر جي صدر ضمير مهر،جنرل سيڪريٽري عبدالوحيد ڪانڌڙو،يو سي اڪبرپور جي اڳوٽي صدر فقير محمد سليمان،سينيئر نائب صدر حيدر منگريو،تعلقه صدر سجاد ناريجو،نائب صدر ربنواز جهنجهو،نور محمد مهر،خانزادي ميراڻي،شاهنواز ناريجو، مصري ڪلهوڙو، لام حسين ڪانڌڙو، غلام نبي ٻرڙو،عجيب الله ڪٽپر،محمد قابل ڪانڌڙو ۽ عبدالرزاق جوڳي سميت ٻين عهديدارن ۽ ڪارڪنن وڏي انگ ۾ شرڪت ڪئي ورڪرز ڪنوينشن کي پارٽي جي تنظيمي مضبوطي، ڪارڪنن جي متحرڪ ٿيڻ ۽ عوام سان رابطن کي وڌيڪ وسيع ڪرڻ جي حوالي سان اهم اڳڀرائي قرار ڏنو ويو

بقايا عوامي سوچ 32

نگ بعد فرار ٿي ويا. واقعي کانپوءِ پوليس جاءِ وقوع تان شاهديون گڏ ڪرڻ شروع ڪيون آهن ۽ جاچ جاري آهي. زخمي گهرواري کي فوري طور اسپتال منتقل ڪيو ويو پوليس جو چوڻ آهي ته انسپيڪٽر جاويد ابڙو تي ماضي ۾ به ڪيترائي قاتلاڻا حملا ٿي چڪا هئا. وڌيڪ ٻڌايو ويو آهي ته شهيد آفيسر جي ڀاءُ کي به ماضي ۾ قتل ڪيو ويو هو. سنڌ جي گهرو وزير ضياء لنجار اسٽيل ٽائون ۾ فائرنگ جو نوٽيس وٺندي ايس ايس پي مليرکان رپورٽ طلب ڪري ورتي آهي. 88 c4گهرو وزير هدايت ڪئي آهي ته فائرنگ ۾ ملوث جوابدارن جي فوري نشاندهي ڪري کين قانون جي گرفت ۾ آندو وڃي. پوليس موجب هيل تائين حملو ڪندڙن جي سڃاڻپ ۽ فائرنگ جو ڪارڻ سامهون نه اچي سگهيو آهي، جاچ جاري آهي

بقايا عوامي سوچ 33

گڏريو، جنهن ۾ ضلعي جي مختلف چونڊيل يونٽن جي عهديدارن ۽ ڪارڪنن ڀرپور شرڪت ڪئي. اجلاس ۾ تنظيم کي وڌيڪ فعال ۽ مضبوط بڻائڻ لاءِ اهم فيصلا ڪيا ويا. اجلاس ۾ فيصلو ڪيو ويو ته جلد ضلعي جي سمورن يونٽن کي مڪمل ۽ فعال بڻايو ويندو، ماهيگيرن جا رهيل فشنگ لائسنس سنڌ فشريز کاتي ذريعي مڪمل ڪرايا ويندا. جڏهن ته چونڊيل يونٽن جا الڳ الڳ اجلاس پڻ ڪوٺايا ويندا. اجلاس ۾ وڌيڪ فيصلو ڪيو ويو ته ٻن مهينن کانپوءِ نئين چونڊ باڊي جوڙي ويندي ۽ پاڪستان فشر فوڪ فورم جا مرڪزي اڳواڻ ضلعي بدين جو دورو ڪندا. ان موقعي تي ضلعي صدر ايم سومار ملاح چيو ته تنظيم سازي جو عمل اڳتي وڌائيندي ماهيگيرن جي بنيادي حقن، سڃاڻپ، روزگار ۽ بنيادي سهولتن جي حاصلات لاءِ جدوجهد جاري رکي ويندي. اسان جو مقصد عهدن حاصل ڪرڻ نه، پر ماهيگيرن جي حقن جو تحفظ ۽ سندن مسئلا حل ڪرائڻ آهي. گڏجاڻي ۾ شريڪ ماهيگيرن صدر آڏو پنهنجا مسئلا پيش ڪيا، جن کي حل ڪرائڻ جي خاطري ڪرائي وئي. ان موقعي تي ايم اسلم ملاح، ساجن شيخ، يار محمد ملاح، خالق ڏنو ملاح، علڻ ملاح، غلام رسول دانڊل، علي محمد ملاح سميت ٻيا اڳواڻ ۽ ڪارڪن پڻ موجود هئا

نمائندا گهرجن

هر خبر تي نظر

روزاني عوامي سوچ ڪراچي کي سنڌ جي ننڍن وڏن شهرن مان رپورٽر گهرجن صحافت سان دلچسپي رکندڙ اداري سان رابطو ڪن.

رابطي لاءِ:

03072308754_03003924502

آئي ايس اين ڊجيٽل اسڪلز انسٽيٽيوٽ جوهي پاران يوٽيوب آٽوميشن فري لانسنگ ۽ ويب سائيٽ ڊولپمينٽ تي هڪ روزه ڊيمو سيمينار منعقد

آئي ايس اين ڊجيٽل اسڪلز انسٽيٽيوٽ جوهي پاران يوٽيوب آٽوميشن، فري لانسنگ ۽ ويب سائيٽ ڊولپمينٽ تي هڪ روزه ڊيمو ڪلاس ۽ آگاهي سيمينار منعقد ڪيو ويو

جنهن جو مقصد شاگردن کي ڊجيٽل موقعن، آن لائن ڪمائي جي پليٽ فارمن ۽ پروفيشنل ٽيڪنالاجي اسڪلز سان متعارف ڪرائڻ هو

سيشن ۾ مختلف تعليمي پس منظر سان تعلق رکندڙ شاگردن، جن ۾ هاءِ اسڪولن، ڪاليجن ۽ يونيورسٽين جا شاگرد شامل هئا

جوهي(رپورٽ رحيم بخش) آئي ايس اين ڊجيٽل اسڪلز انسٽيٽيوٽ جوهي پاران يوٽيوب آٽوميشن، فري لانسنگ ۽ ويب سائيٽ ڊولپمينٽ تي هڪ روزه ڊيمو سيمينار منعقد آئي ايس اين ڊجيٽل اسڪلز انسٽيٽيوٽ جوهي پاران يوٽ/ڏسو صفحو 3 بقايا نمبر1

غلام حسين گاڏهي وٽ هٿيار بندن دادو جي واپاري عنايت الله لاشاري کان 6 لک رپيا روڪ رقم ۽ موبائل فون ڦري ڪري فرار

جوهي (رپورٽ رحيم بخش ميمڻ) جوهي دادو روڊ تي ڳوٺ غلام حسين گاڏهي وٽ هٿيارب/ ڏسو صفحو 3 بقايا نمبر2

هندو برادري پاران ڏياري جو ڏڻ جوش ۽ جذبي سان ملهايو پيو وڃي، مسلمانن پاران به سوشل ميڊيا تي مبارڪباد جا پيغام

ميرپورخاص (بيورو چيف سومار سميجو) ميرپورخاص سميت ملڪ جي مختلف شهرن ۾ هندو ب/ڏسو صفحو 3 بقايا نمبر3

غلام محمد مهر ميڊيڪل ڪاليج ٽيچنگ اسپتال سکر کي جديد طبي سهولتن سان آراسته ڪرڻ لاءِ ترقياتي منصوبي تي ڪم تيزي سان جاري

چيئرمين ڊسٽرڪٽ ڪونسل سکر سيد ڪميل حيدر شاهه ۽ ڪمشنر سکر ڊويزن عابد سليم قريشي اسپتال جو دورو ڪيو

جديد ايمرجنسي وارڊ، آپريشن ٿيٽر ۽ ٻين تعميراتي ۽ مرمتي ڪمن جو تفصيلي جائزو ورتو

دوري دوران لاڳاپيل آفيسرن کين منصوبي جي مختلف مرحلن، تعميراتي اڳڀرائي ۽ اسپتال ۾ فراهم ڪيل نئين طبي سهولتن جي حوالي سان بريفنگ ڏني

سکر (بيورو چيف محمد قاسم ملڪ)غلام محمد مهر ميڊيڪل ڪاليج ٽيچنگ اسپتال سکر کي جديد طبي سهولتن سان آراسته ڪرڻ ۽ ايمرجنسي نظام کي وڌيڪ موثر بڻائڻ لاءِ جاري ترقياتي منصوبي تي ڪم تيزي سان جاري آهي/ڏسو صفحو 3 بقايا نمبر4

ٿرپارڪر ضلعي ۾ ناياب نسل جي هرڻن جو شڪار رڪجي نه سگهيو

مٺي پوليس جي ڪارروائي، ناياب نسل جا 3 هرڻ هٿ، جوابدار گاڏي ڇڏي فرار

چونڊيل نمائندن چپ جو روزو رکي ڇڏيو

مٺي (ڊ- ر محمدرحيم مگريو) مٺي پوليس ڪارروائي ڪندي ناياب نسل جا 3 هرڻ هٿ ڪري ورتا، جڏهن ته جوابدار گاڏي ڇڏي فرار ٿيڻ ۾ ڪ/ڏسو صفحو 3 بقايا نمبر5

سکر، محراب پور ۾ ملڪ فلاحي جماعت جا اليڪشن ڪرائڻ ۽ الحق فائونڊيشن جو يونٽ قائم ڪرڻ جو فيصلو

جنهن دوران تنظيمي معاملن، جماعت جي اليڪشن ۽ الحق فائونڊيشن جو يونٽ قائم ڪرڻ سميت مختلف معاملن تي خيالن جي ڏي وٺ ڪئي وئي

ملاقات ۾ فيصلو ڪيو ويو ته محراب پور ۾ ملڪ فلاحي جماعت جا اليڪشن ڪرايا ويندا

اليڪشن جو شيڊول جلد جاري ڪيو ويندو، جماعت جي عهدن لاءِ خواهشمند ماڻهن کي رضاڪارانه طور فارم ڀرڻ جي اپيل پڻ ڪئي وئي

سکر (بيورو چيف محمد قاسم ملڪ) ملڪ فلاحي جماعت ۽ ملڪ برادري جماعت جي باني محمد رضوان الحق ملڪ سان محراب پور يونٽ جي عهديدارن ۽ معزز شخصيتن سندس آفيس ۾ ملاقات ڪئي، جنهن دوران تنظيمي معاملن، جماع/ڏسو صفحو 3 بقايا نمبر6

ايوانِ صحافت پريس ڪلب ٺٽو ۾ آن نيوز جي بيورو چيف جنيد احمد پيرزادي کي ميمبرشپ ملڻ تي مبارڪن جو سلسلو جاري

ايوانِ صحافت پريس ڪلب ٺٽو ۾ آن نيوز جي بيورو چيف جنيد احمد پيرزادي کي ميمبرشپ ملڻ تي مبارڪن ۽ نيڪ تمنائن جو سلسلو جاري

سيد شجر علي شاهه ۽ ٻين دوستن پاران کيس سنڌ جي ثقافتي سوکڙي اجرڪ، گلاب جي گلن جا هار ۽ لونگيون اوڍائي ڀرپور آجيان ڪئي وئي

ان موقعي تي موجود صحافين ۽ دوستن جنيد احمد پيرزادي کي ايوانِ صحافت پريس ڪلب ٺٽو جي ميمبرشپ ملڻ تي دلي مبارڪباد پيش ڪندي نيڪ خواهشن جو اظهار ڪيو

ٺٽو (رپورٽ واحدشورو) ايوانِ صحافت پريس ڪلب ٺٽو ۾ آن نيوز جي بيوروُ چيف جنيد احمد پيرزادي کي ميمبرشپ ملڻ تي مبارڪن جو سلسلو جاري، اجرڪ ۽ لونگين جا تحفا پيش ڪري شاندار آجيان ايوانِ صحافت پريس ڪلب ٺٽو /ڏسو صفحو 3 بقايا نمبر7

بينظير انڪم سپورٽ پروگرام مان سڄي ملڪ ۾ 6 ڪروڙ کان وڌيڪ غريب ماڻهو فائدو حاصل ڪري رهيا آهن: روبينا خالد

بدين (رجب راهمون) چيئرپرسن بينظير انڪم سپورٽ پروگرام سينيٽر روبينا خالد چيو ته پوري پاڪ/ڏسو صفحو 3 بقايا نمبر8

هاليجي ڍنڍ تي افسوسناڪ واقعو واڳو ڏسندي ڪراچي واسي عورت دل جو دورو پوڻ سبب فوت

جنگشاهي(رپورٽر) جنگشاهي ويجهو پرسان هاليجي ڍنڍ تي افسوسناڪ واقعو واڳو ڏسندي ڪراچي/ڏسو صفحو 3 بقايا نمبر9

سينيئر انجنيئر گيانچند تاراڻي دادن هنگورجو ڊاڪٽر لوڪمار ملاڻي مٺي شهر ۾ مهراڻ ميڊيڪل سينٽر جو افتتاح

شير محمد بلالاڻي سينيئر انجنيئر گيانچند تاراڻي دادن هنگورجو ڊاڪٽر لوڪمار ملاڻي مٺي شهر ۾ مهراڻ ميڊيڪل سينٽر جو افتتاح ڪيو

انهي موقعي تي هڪ ڏينهن جي لاءِ لڳايل طبي مفت ڪئمپ جو تفصيلي دورو ڪيو

تعلقه صدر سراج سومرو تعلقه صدر سمير تاراڻي آدم هنگورجو برڪت هنگورجو ڊاڪٽر ساجن منيش رتناڻي منيش ڏناڻي سچن واسو ساڻ موجود هئا

مٺي (ڊ- ر محمدرحيم مگريو) پاڪستان پيپلزپارٽي ميرپورخاص ڊويزن صدر ايم اين اي ڊاڪٽر مهيش ڪمار ملاڻي ايم پي اي فقير شير محمد بلالاڻي سينيئر انجنيئر گيانچند تاراڻي دادن هنگورجو ڊاڪٽر لوڪمار ملاڻي مٺي شهر ۾ مهراڻ ميڊيڪل سينٽر جو افتتاح ڪيو ۽ انهي موقعي تي هڪ ڏينهن جي لاءِ لڳايل طبي مفت ڪئمپ جو تفصيلي دورو ڪيو تعلقه صدر سراج سومر/ڏسو صفحو 3 بقايا نمبر10

باغئي مدينه مسجد جي پيش امام مولوي محمد عارب شر پاران پنهنجي پوٽن جي طهر سنت واري تقريب

تقريب گهارو شهر جي نئين آبادي ۾ منعقد ڪري محفل ميلاد مصطفيٰ صلعم جو پروگرام منعقد ڪيو ويو

آخري رسول حضرت محمد مصطفيٰ صلعم جي ڏسيل واٽ تي هلڻ جي تلقين ڪئي، جنهن ۾ شهرين وڏي انگ ۾ شرڪت ڪئي

ملڪ ۾ وڌندڙ مهنگائي توڙي بيروزگاري عوام جو جيئڻ جنجال بنائي ڇڏيو آهي، عام واهپي جا اگهه آسمان سان ڳالهيون پيا ڪن

ٺٽو(رپورٽ واحدشورو) گهارو شهر جي نئين آبادي جي رهواسي باغئي مدينه مسجد جي پيش امام مولوي محمد عارب شر پاران پنهنجي پوٽن جي طهر سنت واري تقريب گهارو شهر جي نئين آبادي ۾ منعقد ڪري محفل ميلاد مص/ڏسو صفحو 3 بقايا نمبر11

جانورن جي پالنا کاتي ٺٽي جي ٽيم ڊپٽي ڊائريڪٽر لائيو اسٽاڪ ٺٽو ڊاڪٽر فياض وڳڻ جي نگراني ۾ ڳوٺ الهبخش لاشاري ۾ پهتو

9 جانورن کي چتي ڪتي پاران ڏاڙهي زخمي ڪرڻ جي متاثر جانورن کي ويڪسين ڪرڻ سميت انهن جو علاج ڪيو ويو

تعلقي گهوڙاٻاري، يوسي محل جي ڳوٺ الهبخش لاشاري ۾ هڪ ئي وقت 9 جانورن کي چتي ڪتي ڏاڙهي زخمي ڪري ڇڏيو

ٺٽو(رپورٽ وحدشورو) جانورن جي پالنا کاتي ٺٽي جي ٽيم ڊپٽي ڊائريڪٽر لائيو اسٽاڪ ٺٽو ڊاڪٽر فياض وڳڻ جي نگراني ۾ تعلقي گهوڙاٻاري، يوسي محل جي ڳوٺ الهبخش لاشاري ۾ پهچي 9 جانورن کي چتي ڪتي پاران ڏاڙهي زخمي ڪرڻ جي متاثر جانورن کي ويڪسين ڪرڻ سميت انهن جو علاج ڪيو ويو. ان موقعي تي جانورن جي پالنا کاتي ٺٽي جي ڊپٽي ڊائريڪٽر ڊاڪٽر ف/ڏسو صفحو 3 بقايا نمبر12

ڏيپلو لڳ پيمون پيل جي ڍاٽي ۾ اوچتو باهه، 5 گهر سڙي رک ٿي ويا

اسان وس وارن اختيارين ۽ انتظاميا کان مطالبو ٿا ڪريون ته متاثر خاندانن جي فوري مدد ڪئي وڃي

نقصان جو ازالو ڪيو وڃي ۽ علائقي ۾ فائر برگيڊ جي سهولت فراهم ڪئي وڃي

مٺي (ڊ ر محمد رحيم مگريو) ڏيپلي لڳ ڳوٺ آروڪي پرسان پيمون پيل جي ڍاٽي ۾ اوچتو باهه لڳڻ سبب پنج گهر سڙي رک ٿي ويا، جنهن ڪري متاثر خاندانن جو وڏو نقصان ٿيو آهي. افسوس جي ڳالهه آهي ته اهڙي هنگامي صورتحا/ڏسو صفحو 3 بقايا نمبر13

منشيات فروشن جون مبينا موتمار ڌمڪيون

ورڪشاپ محلي جي رهواسين جو دادو پريس ڪلب اڳيان احتجاج، تحفظ فراهم ڪرڻ جو مطالبو

مبينا طور ڌمڪيون ڏيندڙ جوابدارن خلاف قانوني ڪارروائي ڪئي وڃي ۽ کين تحفظ فراهم ڪيو وڃي

دادو (رپورٽ: محمد رفيق چنه) دادو جي ورڪشاپ محلي جي رهواسين پاران منشيات فروشن خلاف دادو پريس ڪلب اڳيان احتجاجي مظاه/ڏسو صفحو 3 بقايا نمبر22

محمد رضوان الحق ملڪ سان محراب پور يونٽ جي عهديدارن ۽ معزز شخصيتن سندس آفيس ۾ ملاقات

جماعت جي اليڪشن ۽ الحق فائونڊيشن جو يونٽ قائم ڪرڻ سميت مختلف معاملن تي خيالن جي ڏي وٺ

ملاقات ۾ فيصلو ڪيو ويو ته محراب پور ۾ ملڪ فلاحي جماعت جا اليڪشن ڪرايا ويندا

سکر (بيورو رپورٽ) ملڪ فلاحي جماعت ۽ ملڪ برادري جماعت جي باني محمد رضوان الحق ملڪ سان محراب پور يونٽ جي عهديدارن ۽ مع/ڏسو صفحو 3 بقايا نمبر21

پوري ملڪ جيان هندو برادري جو مذهبي تهوار ڏياري جو پوري ٿرپارڪر ۾ به ڀرپور جوش ۽ جذبي سان ملهايو پيو وڃي

مٺي ڇيلهار ڇاڇرو ڏيپلو ننگرپارڪر سلام ڪوٽ سميت پوري ٿرپارڪر ۾ ب ڀرپور جوش ۽ جذبي سان ملهايو پيو وڃي

روضي ۾ برڪتون، ملڪي خوشحالي، امن ۽ سلامتي لاءِ به خاص دعائون گهريون پيون وڃن

مٺي (ڊ_رمحمدرحيم مگريو) پوري ملڪ جيان هندو برادري جو مذهبي تهوار ڏياري جو پوري ٿرپارڪر ۾ به ڀرپور جوش ۽ جذبي سان ملهايو پيو وڃ/ڏسو صفحو 3 بقايا نمبر20

وفاقي حڪومت سميت سنڌ حڪومت به آبادگارن سان وڏيون زيادتيون پئي ڪري: عبدالسميع ٻنيرو

اجا تائين ڪمند جو ريٽ مقرر نه ڪيو ويو آهي ۽ ڪڻڪ جو ريٽ به 4500 روپيه في مڻ تمام ٿورو آهي

گمبٽ (رپورٽر)سنڌ چيمبر آف فوڊ اينڊ ايگريڪلچرل سکر ڊويزن جي صدر ۽ زرعي ماهر ۽ رٽائرڊ ڊسٽرڪٽ ايجوڪيشن آفيسر سيڪندر/ڏسو صفحو 3 بقايا نمبر19

ديوالي جي ڏياري جي موقعي تي هندو برادري کي مبارڪباد

ملڪ ۾ مذهبي رواداري ۽ ڀائيچاري کي هٿي ڏيڻ گهرجي ريجنل يونين آف جرنلسٽ پاڪستان سڪريٽري جي صدر

اسان کي هڪٻئي جي مذهبي تهوارن ۽ خوشين ۾ خوشيءَ سان شريڪ ٿي محبت، اتحاد ۽ انسانيت جو پيغام عام ڪرڻ گهرجي

گمبٽ (رپورٽر ر) ديوالي جي ڏياري جي موقعي تي هندو برادري کي مبارڪباد. ملڪ ۾ مذهبي رواداري ۽ ڀائيچاري کي هٿي ڏيڻ گهرجي/ڏسو صفحو 3 بقايا نمبر18

جڳ جڳ جوت جلي
عالم انسانيت کي ڏياري جون شڀ ڪامنائون

اسان پرامن آهيون ۽ پرامن رهنداسين: ملڪ نواز جوکيو

احتجاجي ڪيمپ جو ماحول خراب ڪرڻ جي ڪوشش ڪئي پئي وڃي: ملڪ نواز جوکيو

روزگار جي حصول ۽ بيروزگار نوجوانن جي حقن لاءِ ڊپٽي ڪمشنر ٺٽو جي آفيس آڏو احتجاجي ڪيمپ قائم

ٺٽو(رپورٽ واحدشورو)اسان پرامن آهيون ۽ پرامن رهنداسين. احتجاجي ڪيمپ جو ماحول خراب ڪرڻ جي ڪوشش ڪئي پئي وڃي: ملڪ نواز جوکيو /ڏسو صفحو 3 بقايا نمبر17

سائين محمد سلطان چانڊيو رٽائرڊ ٿي ويا

سلطان چانڊيو پنهنجي پوري زندگي علم پکيڙڻ، شاگردن جي بهترين تربيت ڪرڻ ۽ سندن مستقبل سنوارڻ ۾ گذاري

هڪ شفيق، مهربان ۽ فرض شناس استاد طور سندس خدمتون تعليمي ميدان لاءِ هميشه ياد رکيون وينديون

ٺٽو: رپورٽ (رپورٽ واحدشورو) تعليم جي ميدان ۾ پنهنجي سڄي زندگي وقف ڪندڙ گورنمينٽ بوائز هائير سيڪنڊري اسڪول گهارو جي سينئر استاد سا/ڏسو صفحو 3 بقايا نمبر16

فقير عبدالغفور الستيءَ جي ٻارهين ورسيءَ جي موقعي تي ڀيٽا پيش

ساجاه وندن سان گڏجي گلن جي چادر چاڙهي کيس لفظن ۽ گلابن سان عظمت ڀري ڀيٽا پيش

پٽائيءَ جي فڪر جي روشنيءَ ۾ نياڻين کي تعليم ڏيارڻ لاءِ ڪامياب ڪوششون ڪندڙ تمام وڏو عالم هيو: صادق لاکو

دڙو(رپورٽر) سنڌ جي نامور، عالم ،اديب، پٽائيءَ جي فڪر جي شارح ۽ نياڻين کي تعليم ڏيارڻ لاءِ سگهاري جاکوڙ ڪندڙ فقير عبدالغفور الستيءَ/ڏسو صفحو 3 بقايا نمبر15

جهرڪ ٻيلو ويران جي چوڪي نمبر 5 ۾ ٻيرن جي وڻن جي واڍي جاري

فاريسٽ عملي جي مبينا ملي ڀڳت، ڌارين جي آبادڪاري تيزي سان وڌڻ لڳي

جهرڪ ٻيلو ويران جي چوڪي نمبر 5 واري علائقي ۾ ٻيلئي ٻيرن جي وڻن جي واڍي جو سلسلو مبينا طور تي جاري

ٺٽو (رپورٽ رپورٽ واحدشورو) جهرڪ ٻيلو ويران جي چوڪي نمبر 5 ۾ ٻيرن جي وڻن جي واڍي جاري. فاريسٽ عملي جي مبينا ملي ڀڳت، ڌارين ج/ڏسو صفحو 3 بقايا نمبر14

دادو ۾ نياڻي سان مبينا جنسي زيادتي ڪيس: ايس ايس پي پاران جي آءِ ٽي سميت ٻه جاچ ٽيمون قائم

مک جوابدار اڃا گرفتار نه ٿيو، مختلف ٿاڻن جي پوليس کي ڇاپن جو حڪم

آرڊيننس 2020ع جي سيڪشن 9 تحت ايس ايس پي دادو جي سربراهي ۾ گڏيل جاچ ٽيم (جي آءِ ٽي) قائم ڪئي وئي

سب انسپيڪٽر گل محمد لنڊ ۽ ليڊي هيڊ ڪانسٽيبل زينب ڪوسو کي ميمبر مقرر ڪيو ويو آهي

دادو (رپورٽ: محمد رفيق چنه) دادو ۾ پيءُ علي نواز رند پاران پنهنجي ڌيءَ آمنه کي مبينا جنسي زيادتي جو نشانو بڻائڻ واري انتهائي افسوسناڪ ڪيس جي شفاف ۽ غيرجانبدارانه جاچ لاءِ ايس ايس پي دادو پاران جي آءِ ٽي سميت 2 آل/ڏسو صفحو 3 بقايا نمبر23

پروفيسر سيد زوار نقوي جي فن ۽ شخصيت تي سهيڙيل ڪتاب گهاٽي جُهڙ مان چنڊ چمڪي ٿو جي مهورتي تقريب

تقريب ۾ علم ادب ۽ ادبي شخصيتن سان دلچسپي رکندڙ ضلعي عمرڪوٽ جي استادن شاگردن اديبن ليکڪن ۽ شاعرن شرڪت ڪئي

تقريب ۾ آيل مهمانن کي نوجوان ليکڪ ۽ محقق مڪيش بارٽاٽي آجياڻو ڏنو تقريب کي صدارتي خطاب

زوار نقوي جي شخصيت تي هي ٻيو ڪتاب آهي حياتي ۾ اعزاز ملڻ وڏي ڳالهه آهي آئون ائين سمجهان ٿو

عمرڪوٽ(بيورو رپورٽ) سنڌي نثر جي خوبصورت ليکڪ پروفيسر سيد زوار نقوي جي فن ۽ شخصيت تي سهيڙيل ڪتاب گهاٽي جُهڙ مان چنڊ چمڪي ٿو جي مهورتي تقريب بوائز ڊگري ڪاليج عمرڪوٽ ۾ منعقد ڪئي وئي تقريب/ڏسو صفحو 3 بقايا نمبر24

ميرپورخاص وومين ٿاڻي ٻاهران عورت جو احتجاج، عدالتي حڪم باوجود ايف آءِ آر داخل نه ڪرڻ جو الزام

عدالت جي حڪم باوجود پوليس سندس ايف آءِ آر داخل ڪرڻ کان لنوائي رهي آهي

7 نومبر 2026ع تي ايڊيشنل سيشن جج ميرپورخاص پاران جاري ڪيل عدالتي حڪم ڪٽي ٿاڻي پهتي آهي

ميرپورخاص (بيورو چيف سومار سميجو) ميرپورخاص وومين پوليس ٿاڻي ٻاهران لياقت ٽائون جي رهواسڻ عورت فوزيه پروين پنهنجي وڪيل/ڏسو صفحو 3 بقايا نمبر25

اوڏيرولال اسٽيشن ٿاڻي جي حد ۾ بدامني وڌي وئي چورين ڦرون روز جا معمول بڻيل

وائس چيئرمين ۽ ڦٽين جي واپاري سيٺ عبدالمجيد خاصخيلي جي ڪمپيوٽر ڪانٽي ڪاٽ لکين رپين جو چوري

عثمان باريجو کان موٽر سائيڪل ۽ روڪ رقم ڦر پوليس ڪک پڃي ڀيٽو نه ڪيو

ڳوٺاڻن جو اوڏيرولال وايا قيصر سنهڙو روڊ تي احتجاجي مظاهرو پوليس خلاف سخت نعريبازي چورن کي گرفتار ڪرڻ جو مطالبو

اوڏيرولال (رپورٽ غلام نبي چنو) اوڏيرولال اسٽيشن ٿاڻي جي حد ۾ بدامني وڌي وئي چورين ڦرون روز جا معمول بڻيل وائس چيئرمين ۽ ڦٽين جي واپاري سيٺ عبدالمجيد خاصخيلي جي ڪمپيوٽر ڪانٽي ڪاٽ لکين رپين جو چوري عثمان/ڏسو صفحو 3 بقايا نمبر26

روهڙي ۾ گڏريل ڏينهن پاڪستان پيٽرياٽڪ يوٿ ضلع سکر پاران پاڪ فوج سان اظهار يڪجهتي لاءِ شاندار ريلي

ضلعي سکر جي نائب صدر سيف الله بلوچ ڪئي ريلي جي شرڪت ڪندڙن جي هٿن ۾ پاڪ فوج جي حق ۾ بينر ۽ پلي ڪارڊ کنيل هئا

ان موقعي تي پاڪ فوج زنده باد ۽ پاڪستان زنده باد جا نعرا پڻ هنيا ويا ريلي بيڙي چوڪ کان شروع ٿي

روهڙي پريس ڪلب پهتي جتي ريلي جي اڳواڻن خالد حسين بلوچ، ذوالفقار ملاح، اي ڊي گهنيو ۽ سيف الله بلوچ خطاب

روهڙي (رپورٽ : جمال ڪٽپر) روهڙي ۾ گڏريل ڏينهن پاڪستان پيٽرياٽڪ يوٿ ضلع سکر پاران پاڪ فوج سان اظهار يڪجهتي لاءِ شاندار ريلي ڪڍي وئي جنهن ۾ ڪارڪنن سميت شهرين جي وڏي انگ شرڪت ڪئي ريلي جي اڳواڻي ۽ سرپرس/ڏسو صفحو 3 بقايا نمبر27

روهڙي ويجهو جهانگڙو ٿاڻي جي حد ۾ پياري واهه پرسان نيشنل هاءِ وي تي تيز رفتار ٽرالر جي ٽڪر

روهڙي(رپورٽر) روهڙي ويجهو جهانگڙو ٿاڻي جي حد ۾ پياري واهه پرسان نيشنل هاءِ وي تي تيز /ڏسو صفحو 3 بقايا نمبر28

ميرپورخاص پوليس ۾ 105 نوان اهلڪار ڀرتي، ايس ايس پي ساجد امير سدوزئي پاران اپائنٽمينٽ آرڊر ورهايا ويا

ميرپورخاص (بيورو چيف سومار سميجو) ايس ايس پي ميرپورخاص ساجد امير سدوزئي پاران SPD_/ڏسو صفحو 3 بقايا نمبر29

ڪوٽڙي: انتظاميا جي بي ڌياني سبب روڊ تي گندو پاڻي بيٺل آهي

سنڌ نيشنل پارٽي جي سينيئر وائيس چيئرمين رمضان بليدي جي آزادي لاءِ احتجاج

سهراب ڳوٺ ٽائون جي چيئرمين لالا رحيم خلاف سهراب ڳوٺ ٽائون ۾ عوامي ايڪشن ڪميٽي جي طرفان احتجاجي ريلي ڪڍي وئي

احتجاجي ريلي ۾ سنڌ نيشنل پارٽي جا مرڪزي اڳواڻ ڊاڪٽر مجاهد اعواڻ، فنڪشنل ليگ پي ايس 97 جا صدر علي بابا پنهور شريڪ

سياسي سماجي اڳواڻن ۽ سهراب ڳوٺ ٽائون جي عوام، ڪارڪنن ۽ همدردن هزارين جي تعداد ۾ ريلي ۾ شرڪت ڪئي

ڪراچي (رپورٽ منصور چانڊيو)سنڌ نيشنل پارٽي جي سينيئر وائيس چيئرمين رمضان بلد جي آزادي لاءِ ۽ سهراب ڳوٺ ٽائون جي چيئرمين لالا رحيم خلاف سهراب ڳوٺ ٽائون ۾ عوامي ايڪشن ڪميٽي جي طرفان احتجاجي ريلي ڪ/ڏسو صفحو 3 بقايا نمبر30

روهڙي ۾ مسلم ليگ فنڪشنل جو شاندار ورڪرز ڪنوينشن

پارٽي کي يونين ڪائونسل ۽ وارڊ سطح تائين منظم ڪرڻ جو عزم

جنهن ۾ پارٽي جي ڊويزنل، ضلعي، تعلقي ۽ مقامي اڳواڻن، حر جماعت جي معززن ۽ ڪارڪنن وڏي انگ ۾ شرڪت

ڪنوينشن ۾ تنظيمي معاملن، پارٽي جي مضبوطي، نئين سر تنظيم سازي ۽ مستقبل جي سياسي سرگرمين بابت تفصيلي خيالن جي ڏي وٺ ڪئي وئي

روهڙي(رپورٽ : جمال ڪٽپر) روهڙي ۾ مسلم ليگ فنڪشنل جو شاندار ورڪرز ڪنوينشن.پارٽي کي يونين ڪائونسل ۽ وارڊ سطح تائين منظم ڪرڻ جو عزم تفصيل موجب پاڪستان مسلم ليگ فنڪشنل پاران روهڙي تعلق/ڏسو صفحو 3 بقايا نمبر31

ڪراچي: اسٽيل ٽائون ۾ فائرنگ، انسپيڪٽر جاويد ابڙو شهيد، گهرواري زخمي

ڪراچي جي علائقي اسٽيل ٽائون، گلشن حديد فيز ٽو ۾ گهر اندر فائرنگ سبب پوليس انسپيڪٽر جاويد ابڙو شهيد ٿي ويو، جڏهن ته سندس گهرواري سخت زخمي ٿي پئي

اڻڄاتل هٿيار بندن گهر ۾ گهڙي پوليس آفيسر کي نشانو بڻايو ۽ فائرنگ بعد فرار ٿي ويا

ڪراچي (رپورٽ منصور چانڊيو)ڪراچي: اسٽيل ٽائون ۾ فائرنگ، انسپيڪٽر جاويد ابڙو شهيد، گهرواري زخمي ڪراچي جي علائقي اسٽيل ٽائون. گلشن حديد فيز ٽو ۾ گهر اندر فائرنگ سبب پوليس انسپيڪٽر جاويد ابڙو شهيد ٿي ويو. جڏهن ته سندس گهرواري سخت زخمي ٿي پئي. پوليس اختيارين موجب اڻڄاتل هٿيار بندن گهر ۾ گهڙي پوليس آفيسر کي نشانو بڻايو ۽ فائر/ڏسو صفحو 3 بقايا نمبر32

پاڪستان فشر فوڪ فورم ضلع بدين جو ماهوار اجلاس

تنظيم کي وڌيڪ فعال ۽ مضبوط بڻائڻ لاءِ اهم فيصلا

جنهن ۾ ضلعي جي مختلف چونڊيل يونٽن جي عهديدارن ۽ ڪارڪنن ڀرپور شرڪت ڪئي

بدين (رجب راهمون) پاڪستان فشر فوڪ فورم ضلع بدين جو ماهوار اجلاس. تنظيم کي وڌيڪ فعال ۽ مضبوط بڻائڻ لاءِ اهم فيصلا پاڪستان فشر فوڪ فورم ضلع بدين جو ماهوار اجلاس ضلعي صدر ايم سومار ملاح جي صدارت هيٺ ٿي/ڏسو صفحو 3 بقايا نمبر33